REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) جمع 27 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 11 ربيع الثاني 1445هه (قيمت 05 روپيا) شمارو 150

پاڪستان حڪومت ملڪ ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پنهنجي ملڪ واپس موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي: نگران گهرو وزير

اڄوڪي پريس ڪانفرنس جو مقصد سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي خبردار ڪرڻ آهي ته 31 آڪٽوبر تائين هو پنهنجي ملڪ ڏانهن واپسي کي يقيني بڻائين: بريگيڊيئر (ر) حارث نواز

غيرقانوني پرڏيهين کي پنهنجي وطن واپس موڪلڻ جا انتظام بهتر انداز ۾ ڪيا ويا آهن ۽ ان عمل ۾ عورتن، ٻارن، بزرگن ۽ ٻين کي مناسب طريقي سان واپس سندن ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو

31 آڪٽوبر جي بعد ڪنهن به غيرقانوني پرڏيهين کي ملڪ ۾ رهڻ نه ڏنو ويندو ۽ واپسي کي يقيني بڻايو ويندو، نگران صوبائي گهرو وزير چيو ته توهان وفاقي حڪومت جي پريس ڪانفرنس ضرور ڏٺي هوندي

غيرقانوني پرڏيهين کي پناهه ڏيڻ وارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي، ان سلسلي ۾ نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان مڪمل سهڪار حاصل ڪيو پيو وڃي

سمورن غيرقانوني غير پرڏيهين جي خلاف بنا ڪنهن فرق ۽ مؤثر طريقي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن کي واپس سندن اصلي ملڪ واپس موڪليو ويندو

مان چتاءُ ڏيان ٿو ته اغوا، ڀنگ، ڦر ۽ ڌوهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن جي سهولتڪارن کي بخشيو نه ويندو هن چيو ته اسٽريٽ ڪرائم جي واردات ۾ غيرقانوني پرڏيهي به ملوث رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽ) نگران گهرو ۽ جيلن واري صوبائي وزير بريگيڊيئر (ر) حارث نواز اڄ ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پاڪستان حڪومت ملڪ ۾ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي پنهنجي ملڪ واپس موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان جي مطابق ملڪ جون سمورن صوبائي حڪومتون ايڪشن وٺي رهيون آهن. جڏهن ته غيرقانوني پرڏيهين جيڪي رضاڪارانه طور تي پنهنجي ملڪ واپس وڃي رهيا آهن انهن کي واپسي جون سهولتون ڏنيون پيون وڃن. هن واضح ڪيو ته اڄوڪي پريس ڪانفرنس جو مقصد سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي خبردار ڪرڻ آهي ته 31 آڪٽوبر تائين هو پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نوجوان رياستي ادارن خلاف پروپيگنڊا جو مقابلو ڪن: آرمي چيف

هر هڪ پاڪستاني جي حفاظت ۽ سلامتي انتهائي اهميت رکي ٿي جنهن تي ڪنهن به قيمت تي سوديبازي ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي: جنرل عاصم منير

اسان هڪ مضبوط قوم آهيون جنهن امن ۽ استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻين آزمائشن کي برداشت ڪيو

25 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن جي ايڇ ڪيو جو دورو ڪيو ۽ آرمي چيف سان ملاقات ڪئي

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير شرڪت ڪندڙن کي غير قانوني سرگرمين کي روڪڻ لاءِ ڪنيل قدمن کان به آگاهه ڪيو ويو

اسمگلنگ، بجلي جي چوري، منشيات جي پڪڙ، بارڊر ڪنٽرول جا قدم ۽ پاڪستان مان غير قانوني طور ترسيل پرڏيهين جي وطن واپسي شامل آهن

آرمي چيف معيشت جي بهتري لاءِ ڪيترائي فعال قدم جن ۾ خاص سيڙپڪاري سهولتڪاري ڪائونسل جي نتيجي ۾ معيشت تي هاڪاري اثرن کي به اجاگر ڪيو

راولپنڊي (م ر) آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير چيو آهي ته دانشورن ۽ سول سوسائٽي جي وڏيڪ ذميواري آهي ته هو ان ڳالهه کي يقيني بڻائين ته اسان جو عوام خاص طور تي نوجوان نسل رياستي ادارن جي خلاف جاري پروپيگنڊا بابت پنهنجي ڄاڻ ۾ اضافو ڪن ۽ ان جو مقابلو ڪن. آءِ ايس پي آر موجب 25 هين نيشنل سيڪيورٽي ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪندڙن جي ايڇ ڪيو جو دورو ڪيو ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير (فائيل فوٽو)

ماڙي جلباڻي ۾ ماربل چارئي ڳوناٽا بي گناهه هئا: پوليس جو اعتراف

ماڙي جلباڻي ۾ مارجي ويل چارئي ڳوناٽا بيگناهه ۽ معصوم هئا، مارجي ويل ڳوناٽن خلاف ڪو به ڪيس داخل ٿيل نه آهي

عدالت ايس ايس پي کي چند پئينڊي چيو ته جڏهن پوليس ۽ رينجرز پهتي ته ڇا ڳوناٽا اڳ ئي چتين تي تيار ويٺا هئا؟

درخواست گذار ذوالفقار جلباڻي ۽ ٻين پارن واقعي جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جي استدعا ڪئي وئي

ڪراچي (م ر) ايس ايس پي شهيد بينظير آباد عدالت آڏو بيان ۽ اعتراف ڪيو آهي ته ماڙي جلباڻي ۾ مارجي ويل چارئي ڳوناٽا بيگناهه ۽ معصوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

اليڪشن ڪميشن صدر

ڊاڪٽر عارف علوي جو عام

چونڊن بابت بيان رد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م ر) اليڪشن ڪميشن صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي ملڪ ۾ عام چونڊن بابت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اليڪشن ڪميشن ڊپٽي ڪمشنر ۽ آر جي اسلام آباد کي تبديل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اليڪشن ڪميشن اسٽيبلشمينٽ ڊويزن کي ٻنهي آفيسرن جي بدلي لاءِ خط اماڻي ڇڏيو

ٻنهي آفيسرن جي خلاف اليڪشن ڪميشن کي لاڳيتيون شڪايتون ملي رهيون هيون: ذريعا

اسلام آباد (رپورٽر) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد ۽ آر جي اسلام آباد کي تبديل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

صدر ڊاڪٽر عارف علوي

سائفر ڪيس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عمران خان جو ٽرائل روڪڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي

عدالت سائفر ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ خلاف درخواست هدايتن سان گڏ اڪلائيندي چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين جو شفاف ٽرائل جو حق ڏنو وڃي

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ان ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت تي آزادي جي درخواست تي فيصلو سيائي ٻڌايو ويندو

17 آڪٽوبر تي چالان جي ڪاپي ڏني وئي ۽ ستن ڏينهن جو وقت ڏيڻ ڪانسواءِ 23 آڪٽوبر تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو: سلمان صفدر ايڊووڪيٽ

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي سائفر ڪيس ۾ ٽرائل روڪڻ واري درخواست رد ڪري ڇڏي. عدالت سائفر ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ خلاف درخواست هدايتن سان گڏ اڪلائيندي چيو ته پي ٽي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گيس 200 فيصد مهانگي ڪرڻ سراسر ظلم آهي، محمد حسين محنتي

نگران حڪومت جو ڪم فقط بروقت صاف شفاف چونڊون ڪرائڻ آهي

موجوده فيصلي سان عام ماڻهو جي مشڪلات ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي گهريلو واهپيدارن لاءِ گيس 200 فيصد مهانگي ڪرڻ کي عوام دشمن فيصلو ۽ سراسر ظلم قرار ڏيندي چيو آهي ته عوام تي بجلي ڪيرائڻ نه بلڪ نگران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

غيرقانوني پرڏيهين جي نشاندهي ڪري ورتي، 31 آڪٽوبر کانپوءِ ڪا به رعايت نه ڏيندي: سرفراز بگٽي

غيرقانوني طور ترسيل ماڻهن جي نيڪالي لاءِ عارضي ڪيمپ قائم ڪيا ويا آهن، صوبائي حڪومتون پرڏيهي ماڻهن جي نيڪالي جا خرچ برداشت ڪري رهيون آهن

هولڊنگ سينٽرز ٺاهيا آهن، غيرقانوني رهندڙن کي اتان واپس موڪليو ويندو، ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي تمام گهڻي احترام سان رکيو ويندو

اسلام آباد (رپورٽر) نگران وفاقي گهرو وزير سينيٽر سرفراز بگٽي چيو آهي ته غيرقانوني پناهگيرن بابت پلان کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي آهي، اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سرفراز بگٽي چيو ته رضاڪاراڻي طور واپس ويندڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انور الحق ڪاڪڙ سان اڪرم سيگل ملاقات ڪندي

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ماڙي پور ۽ ٽرڪ

اڏي تي ڪارروائي، ڪاٺ پيٺ جي

ڪينٽرن ٽي مرڪزن تي ڏنڊ مقرر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ماڙي پور ۽ ٽرڪ اڏي تي ڪارروائي ڪئي، اها ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي، سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان جي سربراهي ۾ ڪيترن ڪاٺ پيٺ جي مرڪزن جو معائنو ڪيس ان موقعي تي ٽيم سان گڏ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪي سياست ۾ اهم اڳڀرائي، پي ٽي آءِ وفد جي مولانا فضل الرحمان سان ملاقات

تحريڪ انصاف جي اڳواڻن وفد جي صورت ۾ مولانا فضل الرحمان سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر، علي محمد خان، بئرسٽر سيف ۽ جنيد اڪبر شامل هئا

پي ٽي آءِ اڳواڻن مولانا فضل الرحمان سان سندس اسلام آباد واري رهائشگاهه تي ملاقات ڪئي

اسلام آباد (م ر) ملڪي سياست ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي تحريڪ انصاف جي اڳواڻن وفد جي صورت ۾ جمعيت علماءِ اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

اسلام آباد: جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان سان قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر اسد قيصر ملاقات ڪري رهيو آهي

وڏي وزير پاران گارمينٽ جي

مزدورن لاءِ ايم او يو تي صحيحون

ڪرڻ لاءِ ليبر کاتي کي هدايت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر سان انٽرنيشنل ايڪارڊ جي وفد ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ماڙي پور ۽ ٽرڪ اڏي تي ڪارروائي، ڏنڊ مقرر

ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي

صفائي ستڙائي جي خراب صورتحال تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جا ڏنڊ پڻ مقرر ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ماڙي پور ۽ ٽرڪ اڏي تي ڪارروائي ڪئي، اها ڪارروائي ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي هدايت تي ڪئي وئي، سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جي يو آءِ جي "سنڌ امن ريلي" نوشهرو فيروز پهتي، الله واري چوڪ تي جلسو، سوين شهري شريڪ

سنڌ ۾ 800 ماڻهو ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن معصوم نياڻين جا جنازا ڏنا پيا وڃن: راشد محمود سومرو

حڪمرانن سرڪاري ڪڻڪ خريداري ۾ 77 ڪروڙ هڙپ ڪيا ۽ عوام کان هڪ ويلي جو گرهه کسيو ويو آهي

ڪارونجهر کپائيندين پادر ڪائيندين نعرو هنيو سنڌ کپائيندين پادر ڪائيندين جو نعرو به اسان ڏنو آهي: ڳالهيون

سکر: شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نوشهرو فيروز (د ر) جي يو آءِ جي "سنڌ امن ريلي" نوشهرو فيروز پهتي، الله واري چوڪ تي جلسو ڪيو ويو ريلي جي اڳواڻي راشد محمود سومرو، مولانا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: عدالت ارشاد رانجهاڻي قتل

ڪيس جو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو: جوابدار

رحيم شاهه کي 6 سال قيد جي سزا

ڪراچي (م ر) دهشتگردي ڪورٽ عدالت ارشاد رانجهاڻي قتل ڪيس جو محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ زبردست واڌ

في تولو سون 2900 رپيا مهانگو ٿيڻ بعد به لک 11 هزار 350 رپين جو ٿي ويو

ڏهه گرام سون 2486 رپيا واڌ کانپوءِ هڪ لک 81 هزار 198 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ر) پاڪستان ۾ سون جي قيمت مسلسل واڌ جو سلسلو جاري آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب، في تولو سون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

هلندڙ سال ۾ فضائي گدلاڻ ٽيڻ جي اميد

سينٽر فار ريسرچ آن انرجي اينڊ ڪلين رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

لاهور ۽ پشاور ۾ سياري جي موسم ۾ به سموگ به گهڻي شدت ۾ ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) سينٽر فار ريسرچ آن انرجي اينڊ ڪلين ايئر هلندڙ سال جي جاءِ رپورٽ جاري ڪري ڇڏي، جنهن موجب هلندڙ سال پاڪستان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي اسمگلنگ ۾ ٽن ڄڻن تي ٻڌل گروپ گرفتار

سي ٽي ڊي وفاق کي حساس اداري سان گڏجي حب ريور روڊ تي ڪارروائي ڪئي

گرفتار ٿيلن ۾ مير عبدالصادق مينگل، حڪمت الله ۽ عبدالحميد شامل آهي

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي ڪورٽ کاتي (سي ٽي ڊي) پيپلز صوبائي نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي اسمگلنگ ۾ ملوث ٽن ڄڻن تي ٻڌل ٽولي کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڳڏيل قومن جي ميمبر ملڪن جي ڳڏيل ذميواري آهي ته اهو يارت سان پنهنجي عالمي ذميدارين جي تعميل کي يقيني بڻائي: گورنر سنڌ

ڳڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ڪشمير تڪرار جو حل آهي: ڪامران ٽيسوري

پرامن طريقي سان حل ٿيڻ گهرجي ڇو ته اهو واحد رستو آهي جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهي ٿو

پاڪستان ڪشميري عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي رهندو، ان حق ۾ پاڪستاني عوام ڪشميري ڀائرن ۽ ڀينرن جي هر ممڪن مدد جاري رکندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري 27 آڪٽوبر ڪشمير تي ڀارتي قبضي خلاف يوم سياهه جي موقعي تي پنهنجي پيغام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: سنڌ جو گورنر ڪامران خان ٽيسوري آيل وفد سان ڪري رهيو آهي

اڳواڻن جي سچائي رنگ لائيندي،

شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار

ٿيڻ کان بچي نه سگهندا: اڳواڻ

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي شهيد جان محمد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نوازشريف جي سزا خلاف اپيلون بحال ڪري ڇڏيون

چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل بينچ سمورين درخواستن کي گڏ ڪري ٻڌڻي ڪئي

نوازشريف طرفان ايڊووڪيٽ امجد پرويز ۽ اعظم نذير تارڙ پيش ٿيا. نوازشريف به عدالت ۾ موجود هو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نوازشريف جي سزا خلاف اپيلون بحال ڪري ڇڏيون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ نوازشريف/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

هڪ ڪروڙ ماليت جي چوري ۾ ملوث جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

گلستان سوسائٽي جي گهر ۾ 1 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي چوري ۾ ملوث جوابدار کي پوليس قتل ڪري ڇڏيو

پوليس رات دير سان شهر جي مختلف هنڌن تي مقابلن ۾ 3 ڌوڙارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سپر هاءِ وي گلستان سوسائٽي جي گهر ۾ 1 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جي چوري ۾ ملوث جوابدار کي پوليس قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غيرقانوني افغان پناهگيرن جي واپسي جو فيصلو ملڪي سيڪيورٽي خاطر ڪيو ويو: پرڏيهي وزارت

اها پاليسي صرف افغان شهرين جي لاءِ نه آهي پر سمورن ملڪن جي لاءِ آهي. پهرين نومبر کان غيرقانوني پناهگيرن کي ڊي پورٽ ڪيو ويندو

دوست ملڪن کان افغان شهرين کي پنهنجي ملڪ وٺي وڃڻ جي درخواست ڪئي آهي، گهرو وزارت جي ڪليئرنس ملڻ کان پوءِ انهن کي اماڻيو ويندو

اسلام آباد (م ر) پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو آهي ته غيرقانوني افغان پناهگيرن جي واپسي جو فيصلو سيڪيورٽي جي خاطر ڪيو ويو پرڏيهي وزارت جي ترجمان ممتاز زهره بلوچ پريس ڪانفرنس دوران چيو ته غيرقانوني افغان پناهگيرن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حڪومتي ۽ عسڪري ڳڏيل ڪاوشن جي ڪري ملڪي معيشت تي هاڪاري اثر نمايان

سيپٽمبر 2023ع ۾ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ جي ذريعي ماهرين ناڻي روانگي 6.75 بلين ڊالر کان وڌي ڪئي

هاڪاري اقتصادي پاليسين جا ناڻي مٽا سٽا ۽ روزگار تي اثر نمايان ٿيڻ لڳا، ملڪي معيشت تي هاڪاري اثر پيا آهن

ناڻي مٽا سٽا جي ذخيرن ۾ هفتيوار بنيادن تي 67 ملين ڊالر جو اضافو ٿيو ۽ ناڻي مٽا سٽا جا ذخيرا 7.7 بلين ڊالر تي پهچي ويا

اسلام آباد: نگران گهرو وفاقي وزير سرفراز احمد بگٽي پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪي ناڻي مٽا سٽا جا ذخيرا 67 ملين ڊالر وڌي 7.7 ملين ڊالر تائين پهچي ويا. جڏهن سيپٽمبر 2023ع ۾ روشن ڊجيٽل اڪائونٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

حيدرآباد: سافڪو اسلامي

شرعي اصولن مطابق مالياتي

خدمتن جي شروعات ڪري ڇڏي

حيدرآباد (رپورٽر) سافڪو اسلامي شرعي اصولن مطابق مالياتي خدمتن جي شروعات ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي ۾ ڦورن هٿان هڪ ٻيو جوان قتل

ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هڪ ٻيو نوجوان قتل ڪيو ويو

مقتول کي هڪ گولي سيني ۾ لڳي، جيڪا موت جو سبب بڻي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هڪ ٻيو نوجوان قتل ڪيو ويو. مقتول کي هڪ گولي سيني ۾ لڳي، جيڪا موت جو سبب بڻي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

افغان شهرين جي ملڪ واپسي جو سلسلو جاري، وڌيڪ 4239 پناهگير پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس روانا

25 آڪٽوبر تي وڌيڪ 4 هزار 239 افغان شهري پنهنجي ملڪ واپس هليا ويا

واپس ويندڙ افغان شهرين ۾ 965 مرد، 852 عورتون ۽ 2422 ٻار شامل هئا

افغانستان روانگي لاءِ 112 گاڏين ۾ 230 خاندانن جي ملڪ واپسي ٿي

اسلام آباد (م ر) پاڪستان جي حڪومت طرفان ڏنل الٽيميٽم کان پوءِ افغان شهرين جو پنهنجي ملڪ واپسي جو سلسلو جاري آهي. رپورٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

اسلام آباد: حڪومتي الٽيميٽم بعد افغان شهري ڏيهه واپس وڃي رهيا آهن

رپئي جي ڀيٽ

۾ ڊالر وڌيڪ

مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (م ر) پاڪستان رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قدر ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

واهپيدارن کان پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 368 سيڪڙو ڪارڊ اوڳاڙي

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي ۾ 368 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي

جڏهن ته هلندڙ مالي سال لاءِ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي جو هدف 869 ارب روپيا مقرر آهي

اسلام آباد (بيورو) هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي ۾ 368 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. ذريعن موجب وفاقي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

پي آءِ اي مالي بحران معاملي ۾ اهم اڳڀرائي: بينڪن مان 7.5 ارب ملڻ جي اميد

3 بينڪن مان حڪومتي قرض تي اينڊر پن کان ٽن ڏينهن ۾ حتمي فيصلي جو امڪان

قرض ملڻ جي صورت ۾ ملازمن کي وقت تي پگهارن جي ادائيگي ممڪن ٿي سگهندي

ڪراچي (م ر) پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) جي مالي بحران جي معاملي تي ناڻي واري وزارت، ڪمرشل بينڪس ۽ پي آءِ اي اختيارين ۾ ٿيندڙ ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي آهي، ذريعن موجب حڪومتي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سکر جي عدالت: شهيد جان محمد مهر جي ڪيس جو مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي ڪاوڙ جو اظهار

عدالت مک جوابدار سميت روپوش جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو

جاچ آفيسر روپوش مک جوابدار جي گرفتاري لاءِ عدالت کان مهلت گهري ورتي

سکر (رپورٽر) سکر جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت پاران سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جو مک جوابدار گرفتار نه ٿيڻ تي ڪاوڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

بهادر آهيو ته منهنجي خلاف چونڊون وڙهي ڏيکاريو: ياسمين راشد جو نوازشريف کي چيلينج

نوازشريف سزا يافته ۽ اشتهاري آهي انهن کي چونڊن جي لاءِ ٻاهر کان آندو ويو آهي

ليول پليئنگ فيلڊ جو مطلب اهو آهي ته جنهن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻو آهي اهو ٻاهر هجي

لاهور (م ر) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) اڳواڻ ڊاڪٽر ياسمين راشد (ن) ليگ جي اڳواڻ نوازشريف کي چونڊون وڙهڻ جو چيلينج ڏئي ڇڏيو آهي. لاهور جي دهشتگردي جي انسداد واري عدالت ۾ پيشي جي موقعي تي صحافين سان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

عدالت پاران ڊفينس ۾ ڊانس پارٽي دوران گرفتار جوابدار آزاد ڪرڻ جو حڪم

خميس تي ڪراچي جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڏکڻ ۾ ڊفينس ۽ ڊانس پارٽي ۽ منشيات جو استعمال درخواست جي ٻڌڻي ٿي

جاچ آفيسر موقف ڏنو ته پارٽي جو اهتمام ڊفينس فيز 4 جي بنگلي ۾ هو پوليس ڇاپو هڻي نشي ۾ ڌت 10 جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو

گرفتار جوابدارن جي درخواست ضمانت منظور ڪندي عدالت جوابدارن کي 10،10 روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڏکڻ ڊفينس ڊانس پارٽي ۽ منشيات جي ڪيس ۾ گرفتار جوابدارن کي 10،10 هزار جي عيوض آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو خميس تي ڪراچي جوڊيشنل مئجسٽريٽ ڏکڻ ۾ ڊفينس ۽ ڊانس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس (ر) مقبول باقر اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ رينجرز، ڪسٽم ۽ پوليس جي ڳڏيل ڪارروائي، اسمگلنگ ۾ ملوث 6 جوابدار گرفتار

چيڪنگ دوران ڪراچي بلوچستان بارڊر تي حب چيف پوسٽ تي 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري 10 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪري ورتو

چيڪنگ ۾ 1060 ليٽر ايراني انجڻ آئل، جججهي مقدار ۾ سگريٽ، انڊين گهٽڪو، انڊين نسوار، سوپاري ۽ سڪل ڪير به هٿ ڪري ورتو

1060 ليٽر ايراني انجڻ آئل، جججهي مقدار ۾ سگريٽ، انڊين گهٽڪو، انڊين نسوار، سوپاري ۽ سڪل ڪير به هٿ ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان رينجرز سنڌ پاران اسمگلنگ کي ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ آپريشن جو سلسلو هلندڙ رينجرز، ڪسٽم انٽيليجنس ۽ پوليس مختلف ڪارروايون ۾ چيڪنگ دوران ڪراچي بلوچستان بارڊر تي حب چيف پوسٽ تي 6 جوابدارن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

گيس جي اگهن ۾ اضافي سان عوام مٿان 350 ارب رپين جو بار پوندو : محمد حسين محنتي

عوام تي بجلي ڪيرائڻ نہ ۾ نگران حڪومت جو ڪم فقط بروقت صاف شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪرڻ آهي

مهانگائي جي ماريل عوام جي اڳ ۾ ئي حڪمرانن جي ناقص معاشي پاليسين ۽ ڪرپشن جي ڪري خريداري جي سگهہ ختم ٿي چڪي آهي

ڪوبہ ملڪ ايستائين ترقي نٿو ڪري سگهي جيستائين عوام خوشحال نہ هجي، عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻيون پونديون

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي گهريلو واهپيدارن لاءِ گيس 200 فيصد مهانگي ڪرڻ کي عوام دشمن فيصلو سراسر ظلم قرار ڏيندي چيو آهي تہ عوام تي بجلي ڪيرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ پاڪستان ورڪرز
فيڊريشن سنڌ ريجن جو اجلاس
ڪوٺايو ويو، اڳواڻن جي شرڪت

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن جو اجلاس بئراج تي ٿيو جنهن جي صدارت صدر پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن عبدالنبي جاگيراڻي جي صدارت هيٺ ٿي جنهن ۾ خادم حسين ڪرسو جنرل سيڪريٽري پاڪستان ورڪرز فيڊريشن سنڌ ريجن خصوصي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي : اڳوڻو ايم اين اي محمد حسين محنتي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين ۾ تعليم کاتي جي ملازمن جا ھڪبئي مٿان الزام، ھڪ ٻئي خلاف احتجاج

هڪ ڪلارڪ سنڌس پينشن لاءِ ڪانئس 3 لک ورتا جنهن کي ڪافي سال گذري ويا آهن : جمن ملاح

سروس بڪ نٿو ملي ۽ پيسا واپس نٿا ملن جمن ملاح ڀڏايو ڊي او ايجوڪيشن آفيس ۾ ٺيڪيداري نظام آهي

بدين(رپورٽ) بدين تعليم کاتي ڊي او آفيس ۾ روز ڪلارڪن ماسترن جو جهيڙو احتجاج هڪبئي مٿان الزام تراشيون ڪافي وقت کان جاري آهن جمن ملاح صحافين سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ هڪ ڪلارڪ سنڌس پينشن لاءِ ڪانئس 3 لک ورتا جنهن کي ڪافي سال گذري ويا آهن سنڌس سروس بڪ نٿو ملي ۽ پيسا واپس نٿا ملن جمن ملاح ڀڏايو ڊي او ايجوڪيشن آفيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊي آدم ۾ قتل ٿيل افضل لُنڊ جا مُک قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا، احتجاج جاري

آڪاش لُنڊ، رمضان لنڊ، مشتاق چانڊيو ۽ نويد لُنڊ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج کان احتجاجي ريلي ڪڍي

ڏيڍ مهينو گذري وڃڻ باوجود بہ افضل لنڊ جا قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا آهن : مظاهرين جون دانهون

سانگهڙ پوليس ٽن ڏينهن جي اندر اصلي قاتلن کي گرفتار نہ ڪيو تہ ڌرڻي جو اعلان ڪنداسين

خيرپورناٿن شاهہ(رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) ... سگهيا، نوجوان آڪاش لُنڊ، رمضان لنڊ، مشتاق چانڊيو ۽ نويد لُنڊ گورنمنٽ ڊگري ڪاليج کان احتجاجي ريلي ڪڍي ... سانگهڙ پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اوباوڙو پرسان پوليس ۽
رينجرز جي گڏيل ڪارروائي،
2 جوابدار گرفتار ڪري ورتا

اوباوڙو(رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو پرسان پوليس ۽ رينجرز جي گڏيل ڪارروائي ... جوابدار گرفتار ڪري ... سول اسپتال اوباوڙو منتقل ڪري ڇڏيو

خيرپورناٿن شاهہ : افضل لنڊ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور ۾ امن امان، رياست جي بيحسي، اغوائن ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس

شهر ۾ بدامني عروج تي پهچي چڪي آهي جڏهن تہ هاڻي ماڻهن سان گڏ پوليس ايس ايڇ او سميت اهلڪار ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿي رهيا آهن : اڳواڻ

اسان پڇڻ چاهيون ٿا تہ رينجرز ڪٿي آپريشن ڪري رهي آهي، ڌاڙيلن جون گرفتاريون يا انهن خلاف ڪي ڪارروايون ظاهر ناهن ڪيون ويون

گڏريل ڏهاڙي شڪارپور پوليس ڪوڙي پريس رليز جاري ڪندي اسان جي مومنن مٿان جو ڪوڙو ڪيس ظاهر ڪيو آهي

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ مجلس وحدت مسلمين پاران شڪارپور پريس ڪلب ۾ امن امان، رياست جي بيحسي، اغوائن ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي خلاف آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جتي سياسي، سماجي، مذهبي اڳواڻن ڪارڪنن وڏي شرڪت ڪئي مجلس وحدت المسلمين جي مرڪزي اڳواڻ علامہ مقصود ڊومڪي، ضلعي صدر اصغر علي سيٽار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد پاران دورو

بدعيدن ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل پوليس اهلڪار محمد عظيم جانوري جي وارثن سان تعزيت ڪئي

ڊي آءِ جي نوشهروفيروز پوليس اهلڪارن ۽ انهن جي خاندانن جا هيئيان مسئلا ٻڌا، حل ڪرائڻ جي خاطري

مسئلا ٻڌڻ ڪانپوءِ لاڳاپيل آفيسرن ۽ شاخن جي سربراهن کي فوري طور تي مسئلا حل ڪرڻ جا حڪم جاري

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظير آباد رينج ڪيپٽن (ر) پرويز احمد چانڊيو جو نوشهروفيروز جو دورو، بدعيدن ۾ شهيد پوليس اهلڪار محمد عظيم جانوري جي گهرڀاتين سان تعزيت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي
پاران پوليس عملدارن جي بدلين
۽ مقررين جو سلسلو جاري

ٺٽو(ٻ ر) ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي پاران پوليس عملدارن جي بدلين ۽ مقررين جو سلسلو جاري آهي. ان سلسلي ۾ لياقت ڪنڀار کي ايس ايڇ او گهارو مقرر ڪرڻ سميت ڪينجهر پوليس اسٽيشن جي وڏي منشي محمد صديق گندرو کي پوليس اسٽيشن ڪينجهر کان بدلي ڪري ڪيس پوليس اسٽيشن جهمپير تي وڏو منشي طور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز : ڊي آءِ جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

جي يو آءِ جي "سنڌ امن ريلي" نوشهروفيروز پهتي، شاندار استقبال

سنڌ ۾ 800 ماڻهو ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن، معصوم نياڻين جا جنازا ڏنا پيا وڃن : راشد محمود سومرو

اسڪولن ۾ تعليم ناهي، عوام کي صحت جون سهولتون ناهن، سنڌ جا مارڪيٽ غير محفوظ آهن

پوليس عملدار سياسي مخالفن جي چرچ تي جلسي کي خراب ڪيو آهي جيڪو عمل مذمت جوڳو آهي

نوشهرو فيروز/ دادو(رپورٽ منظور ملڪ/ ن سنڌيار) جي يو آءِ جي "سنڌ امن ريلي" نوشهرو فيروز پهتي، الله واري چوڪ تي جلسو ڪيو ويو. ريلي جي اڳواڻي راشد محمود سومرو، مولانا عبدالقيوم هاليجوي، عبدالرحمان ڏنگراچ، اڪرم پيرزادو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي خطاب ڪندي راشد محمود سومري چيو تہ نوشهروفيروز جي عوام امن مارچ جو والهانہ استقبال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٺٽي پرسان ٻيلي جي سرڪاري 2953 ايڪڙ زمين بااثرن جي قبضن کان آجي

باديپور ٻيلي جي زمين کي مخصوص ڪري امڪاني قبضن کان بچائڻ لاءِ چوطرف بائونڊري ڏياري محفوظ بڻائي ڇڏي

قبضاگيرن جو گهيرو تنگ ڪندي سندن خلاف نوٽيس پڻ جاري ڪرائي ڇڏيا آهن : ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ ٻيا عملدار

سپريم ڪورٽ ۽ پاڪستان سروي ٽيم جي ڏنل حڪمن جي مڪمل پاسداري ڪري ان کي پاءُ تڪميل تائين پهچايو ويندو

ٺٽو(ٻ ر) سپريم ڪورٽ پاران ٻيلن تان قبضا ختم ڪرڻ واري حڪم تي سول ڪورٽ جي جج، ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ رينجرس جي ڪور ڪمانڊر جي تشڪيل ڏنل ٻيلي کاتي جي ٽيم جاتي تعلقي جي باديپور ٻيلي جي سرڪاري 2953 ايڪڙ زمين بااثرن جي قبضن کان آجي ڪرائي باديپور ٻيلي جي زمين کي مخصوص ڪري امڪاني قبضن کان بچائڻ لاءِ چوطرف بائونڊري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سکر شهر کي ميونسپل انتظاميہ
ڪچري جي ڍير ۾ تبديل ڪري
ڇڏيو آهي : آل سکر سمال ٽريڊرز

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آل سکر سمال ٽريڊرز اينڊ ڪاٽيج انڊسٽريز اڳواڻ محمد جنيد شيخ، شبير ميمڻ، ظهير پٽي ۽ ٻين تاجر اڳواڻن چيو آهي تہ سکر ميونسپل ڪارپوريشن سکر شهر کي ڪچري جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. انتظاميا جي لاپرواهي سبب شهر ۾ صفائي ستھرائي جي حالت خراب ٿي وئي آهي. شهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽو : سرڪاري زمين تي قبضي خلاف عملدار آپريشن ڪري رهيا آهن

دادو ۾ ڊي سي مختلف روڊن سان ناجائز حدخدلين هٽائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو

ڊي سي عملو ساڻ ڪري وڏي حد دخلين واري علائقي نيو چوڪ پهچي دوڪاندارن هوٽلن وارن جي اڳيان حدخدلين هٽائي ڇڏيون

شهر ۾ انڪروچمينٽ ڪري شهري، عورتون شاگرديائيون، مسافر ۽ گاڏين کي شديد تڪليف آهي : ڊپٽي ڪمشنر

سجاڻ ڏريون ساٽ ڏين تہ شهر کي حدخدلين کان آزاد ڪري روڊن کي شهرين جي سهولتن لاءِ ڪليل رهندا

دادو(ن سنڌيار) ڊپٽي ڪمشنر دادو فياض حسين راهوجو پاران شهر جي مختلف روڊن سان ناجائز حدخدلين هٽائڻ جو عمل تيز ڪري ڇڏيو. ان سلسلي ۾ ڊي سي دادو ميونسپل، اينٽي انڪروچمينٽ پوليس، ٽرئفڪ پوليس، ڊسٽرڪٽ پوليس، مختيارڪار دادو ۽ ٻيو عملو ساڻ ڪري وڏي حد دخلين واري علائقي نيو چونڪ پهچي دڪاندارن هوٽلن وارن جي اڳيان حدخدلين هٽائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد عوامي شڪايتن تي نوٽيس وٺي ڇڏيو

نادرا آفيس شهر کان تمام پري هجڻ سبب نادرا اختيارين کي خط لکي ڇڏيو

شهرين جو سهولت لاءِ ڊي سي آفيس ۾ نادرا جو ڪائونٽر قائم ڪيو وڃي : متن

جيڪب آباد(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد دادلو زهراڻي پاران عوامي شڪايتن تي نوٽيس، نادرا آفيس شهر کان تمام پري هجڻ سبب نادرا اختيارين کي خط لکي ڇڏيو. نادرا آفيس شهر کان تمام پري آهي شهرين جو سهولت لاءِ ڊي سي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر ۾ ٻهراڙين جي نوجوان رانديگرن سان راندين جو ڏينهن ملهايو

ميوزيڪل چيئر، ڪرڪيٽ، بيڊمنٽن، ڊوڙ ۽ ٻين دلچسپ مقابلن ۾ حصو ورتو

پروگرام دوران نوجوان رانديگرن مختلف مقامي، روايتي ۽ جديد راندين مان لطف ماڻيو

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) UNFPA ۽ RSPN جي سهڪار سان ٻهراڙين جي نوجوان رانديگرن سان راندين جو ڏينهن ملهايو، راندين جون تقريبون صحتمند خاندان پراجيڪٽ تحت گوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر : پروگرام دوران ٻارڙا راند ڪيڏي رهيا آهن

پاڪستان ميڊيا ڪائونسل پاران عرفان احمد ڪي پاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت

پاڪستان ميڊيا ڪائونسل سوڳوار خاندانن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهي : اڳواڻ

اڳواڻن ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي بلند درجات ۽ مغفرت جي دعا ڪئي

ميرپورخاص(رپورٽر) پاڪستان ميڊيا ڪائونسل رجسٽرڊ سنڌ ميرپورخاص جي ڊويزنل چيئرمين ... محمد اسماعيل خلجي، اشفاق احمد اشفي، محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

آفتاب بروهي کي 24 ڪلاڪن اندر ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي : سنڌ هاءِ ڪورٽ

ڪيس جي ٻڌڻي دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ سرحائي پوليس کي حڪم ۽ ... [illegible]

مٽاري بروهي جي سينيئر ايڊووڪيٽ عباس علي عباسي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ڪراچي(رپورٽر) ... آفتاب بروهي کي 24 ڪلاڪن اندر ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ ... سنڌ هاءِ ڪورٽ سرحائي پوليس ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

وائيس آف يوٿ ٺٽو جي چيئرمين جي سماجي اڳواڻن سان ملاقات

ملاقات ڪري سائنس سيمينار کي ڪامياب ڪرائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ضلعي جي عيد ڪوارٽر مڪلي ۾ نومبر جي مهيني ۾ منعقد ڪيو ويندو : اڳواڻ

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ... قربان هالو ۽ ٺٽو جي سماجي اڳواڻن ... پبلڪ ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽو : ملاقات دوران ڳالهائي رهيا آهن

عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو وڃي : حسين بخش ناريجو

بلاول ڀٽو چونڊن جو اعلان ڪندي سنڌ ۽ پنجاب ۾ دورا شروع ڪري ڇڏيا آهن

عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) پي پي رهنما حسين بخش ناريجو اليڪشن ڪميشن کان مطالبو ڪيو آهي تہ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو وڃي حسين بخش ناريجو چيو تہ پارٽي چيئرمين چونڊن جو اعلان ڪندي سنڌ ۽ پنجاب ۾ دورا شروع/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

گهوٽڪي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ اللہ عليہ وعليہ وسلم جو پروگرام

پروگرام ۾ اسٽيج سيڪريٽري جي ذميواري استاد شاهنواز لکڻ سنڀالي

نبي سائين صہ جي سيرت تي ٻارن رمشا خان پٺاڻ، حسان ميمڻ ۽ ٻين روشني وڌي

عادلپور(رپورٽ اسلم مهر) گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ٽنڊو مسو خان پٺاڻ گهوٽڪي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صہ اللہ عليہ وعليہ وسلم جو پروگرام ٿي گذريو پروگرام ۾ اسٽيج سيڪريٽري جي ذميواري استاد شاهنواز لکڻ سنڀالي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

عادلپور : جشن عيد ميلاد النبي صہ جي تقريب جو ڏيک

ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي جو تعميراتي ڪم مڪمل نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

ميڊيڪل يونيورسٽي جو تعميراتي ڪم وڏي عرصي کان رولڙي جو شڪار آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڪئمپس بدران مڪمل يونيورسٽي ڏني وڃي

ميرپورخاص(رپورٽر) ميرپورخاص ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي جو تعميراتي ڪم مڪمل نہ ٿيڻ سميت ٻين سهولتن جي اڻهوند خلاف شاگردن سميت شهرين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري دوران اڳواڻن سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

فقير آباد ٽائون ڪاميٽي اڳيان احتجاجي مظاهرو

قبرستان ۾ رولو ڪتا ۽ ڪجهہ ٻيا جانور اچي قبرن جي بيحرمتي ڪن ٿا : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي قبرستان سيد محمد شاهہ بخاري جي چوديواري ڏياري وڃي

فقيرآباد(رپورٽر) فقيرآباد ٽائون ڪاميٽي اڳيان هي نون جوان مسلسل 6 ڏينهن کان احتجاجي ڪري رهيا آهن جنهن جو مطالبو آهي اسان جي ڳوٺ جان محمد گوپانگ جو قديمي قبرستان آهي سيد محمد شاهہ بخاري ان قبرستان ۾ رولو ڪتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ضلعي اليڪشن ڪمشنر ٿرپارڪر پاران مختلف پولنگ اسٽيشنن جو دورو

انتظاميہ قومي فرض ۾ ضلعي اليڪشن ڪميشن سان ڀرپور سهڪار ڪري رهي آهي : سليم الدين دل

اميد ٿا ڪريون تہ عام چونڊن ۾ پولنگ دوران عوام کي ڪنهن بہ قسم جي پريشاني کي منهن ڏيڻو نہ پوندو

مٺي(ٻ ر) ضلعي اليڪشن ڪمشنر ٿرپارڪر سليم الدين دل اسسٽنٽ ڪمشنر عديل احمد سوهو سان گڏ تعلقي ڏاهلي جي اين اي 214 ۽ پي ايس 52 جو دورو ڪري اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران جاري ڪيل حڪمن موجب عام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

مٺي : ضلعي اليڪشن ڪمشنر جا دوري دوران ورتل فوٽو

ٽنڊو ڏيرو پرسان نويد سمون جي زرعي زمين تي قبضي ۽ هاري جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

سمان برادري جي معزز اختيار علي سمون، مختيار علي سمون بابو خان سمون، ضامن حسين سمون ۽ ٻين احتجاج ڪيو

زمين تي قبضي جي مذمت ڪيون ٿا، واقعي جي تحقيقاتي ادارن کان تحقيقات ڪرائي اصلي حقدارن کي حق ڏنو وڃي : مظاهرين

زرعي زمين ۾ ڪم ڪندڙ بيگناهہ هاري جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏياري وڃي

ٽنڊو ڏيرو(رپورٽ شاد محمود ڀٽو) سنڌ سمان برادري جي سردار سردار ڏاڏا جاويد سمون جي ويجهي رشتيدار نويد سمون جي زرعي زمين تي ٽنڊڙ قبضي ۽ زرعي زمين تي ڪم ڪندڙ هاري جي قاتلن جي گرفتاري نہ ڪرڻ خلاف ٽنڊو ڏيرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز : جج ڦر ۽ مزاحمت دوران
پوليس اهلڪار کي قتل ڪرڻ واري ڪيس
۾ ٻن جوابدارن کي سزائون ٻڌائي ڇڏيون

نوشهرو فيروز(ٻ ر) سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ڦر ۽ مزاحمت دوران پوليس اهلڪار کي قتل ڪرڻ واري ڪيس ۾ ٻن جوابدارن کي سزائون ٻڌائي ڇڏيون آهن عدالت محرابپور پوليس ٿاڻي جي حد ۾ ڦر دوران مزاحمت تي قتل ڪيل پوليس سپاهي اعجاز ڪنڊ ڪيس ۾ جوابدار عابد خاصخيلي ۽ مجاهد چانگ کي عمر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٽنڊو ڏيرو : زمين تي قبضي ۽ هاري جي قتل خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽو : روينيو کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نہ ٿيا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا

اڄ سموري ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي آفيسن جي تالا بندي ڪري قلم ڇڏ هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو

ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي ننڍن ملازمن لوئر اسٽاف کي ڪي سهولتون ميسر ناهن : ملازمن جون دانهون

ٺٽو(رپورٽر) روينيو کاتي جي ملازمن جا جائز مسئلا حل نہ ٿيا ملازم سراپا احتجاج بڻجي ويا، سيائي(اڄ جمعي جي ڏينهن) سموري ضلعي ٺٽي جي روينيو کاتي جي آفيسن جي تالا بندي ڪري قلم ڇڏ هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو آهي، ان سلسلي ۾ آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن سڪندر منگسي، غلام نبي ملاح، اسماعيل جنوئي، توفيق ميمڻ، منور جاکرو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهدادڪوٽ ۾ صفائي ستھرائي ۽ مڇر مار اسپري نہ ٿيڻ ۽ ٻين مسئلن خلاف بک هڙتالي ڪئمپ قائم

ايس يو پي پاران صفائي ستھرائي ۽ مڇر مار اسپري نہ ٿيڻ، ميونسپل ۾ ٺيڪيدارڪريشن، ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ سميت ٻين مسئلن خلاف احتجاج ڪيو ويو

سموري شهر گندگي جي ور چڙهيل آهي شهر جي مختلف هنڌن تي گندگي جا ڍير لڳل آهن ۽ اڪثر روڊن تي پاڻي تلائن جي صورت ۾ بيٺل آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي اسپتالن ۾ مليريا جي دوائن کي يقيني بڻائڻ سميت رولو ڪتا مارائي، شهرين جي زندگين کي تحفظ ڏئي شهرين ۾ بڪٽريل بيچيني ختم ڪئي وڃي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ ايس يو پي ... ترقياتي ڪم اڌ ۾ ڇڏڻ سميت رولو ڪتا نہ مارڻ ... پارٽي جي ڪارڪنن الله داد خشڪ، آصف مگسي ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊو غلام حيدر ۾ استاد الهہ
بچايو رند کي مجتا
سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو

ٽنڊو غلام حيدر(رپورٽ ميرحسن رند) ... استاد الهہ بچايو رند کي ... سرٽيفڪيٽ سان نوازيو ويو ... /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

شهدادڪوٽ : ايس يو پي پاران مسئلن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اوباوڙو پرسان نوجوان رڪشا ڊرائيور هٿياربندن هٿان قتل

اسان جي ڪنهن سان بہ دشمني ناهي، فوتي پاءُ ڪرائي تي رڪشو هلائيندو هو : وارث

شهر کان سودو سامان کڻي وڃي رهيو هو تہ شر برادري جي ماڻهن گولين هڻي قتل ڪيو آهي

نوجوان جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال اوباوڙو منتقل ڪيو ويو، گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

اوباوڙو(رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو پرسان رونتي ٿاڻي جي حد نوجوان رڪشا ڊرائيور عبدالحميد چاچڙ قتل ڪيو ويو آهي. اوباوڙو، فوتي جي پاءُ الهوسايو ميڊيا کي ٻڌايو تہ اسان جي ڪنهن سان بہ دشمني ناهي ڪرائي تي رڪشو هلائيندو هو، شهر کان سودو سامان کڻي وڃي رهيو هو تہ شر برادري جي ماڻهن گولين هڻي قتل ڪيو آهي، اوباوڙو هوڏانهن ذريعن مان معلوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جي مک قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري، نعريبازي

پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ 74 ڏينهن بہ صحافين علامتي احتجاجي بک هڙتال ڪئي

شهيد جي وڇوڙي کي 74 ڏينهن ٿي ويا آهن ايترا ڏينهن گذري ويا خاطريون ڪرايون وڃن پر قاتل گرفتاري کان بچيل آهن : اڳواڻ

اسان شهيد جي خون سان انصاف لاءِ ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي مک قاتلن کي 74 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ڪري سگهي، سول سوسائٽي ۽ ٻهرلوءِ جي صحافين پاران احتجاج ۾ شرڪت، حقيقي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪراچي : گلزار هجري اسسٽنٽ ڪمشنر
پاران ڪير جي دڪانن تي ڇاپا هڻي
وڌيڪ اگهہ وٺندڙن خلاف ڪارروايون

ڪراچي(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر اوير جي هدايتن تي گلزار هجري اسسٽنٽ ڪمشنر ثناالله ڪلوڙ ماروڙا ڳوٺ، بلاول شاهہ نوراني ۽ سجل ڳوٺ ۾ ڪير جي دڪانن تي ڇاپا هڻي وڌيڪ اگهہ وٺندڙ ۽ قيمتن واري لسٽ نہ لڳائيندڙ دڪاندارن تي ڏنڊ هنيا ۽ آئنده اگهہ لسٽ نہ لڳائيندڙن ۽ مقرر اگهہ کان وڌيڪ رقم وٺندڙ دڪاندارن کي جيل موڪلڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊڙا پرسان نوجوان عورت کي مڙس قتل ڪري گهر اندر دفنائي ڇڏيو

30 ورهين جي فردوس شيخ کي مڙس منور پاپو تشدد ڪري مٿان پسٽل جو فائر ڪيو

پاڙيوارن فوتي عورت جو هٿ مٽي مان ٻاهر ڏسي پوليس کي اطلاع ڪيو

اسان وڌيڪ جاچ ڪيون پيا، جوابدار گهر خالي ڪري فرار ٿي ويو آهي : پوليس

ڪنڊڙا(رپورٽر) ڪنڊڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ابيجاڻو جي رهواسڻ نوجوان عورت 30 ورهين جي فردوس شيخ کي مڙس منور پاپو تشدد ڪري مٿان پسٽل جو فائر ڪري بيدردي، سان قتل ڪري گهر اندر کڏو کوٽي دفنائي ڇڏيو جنهن بعد پاڙيوارن فوتي عورت جو هٿ مٽي مان ٻاهر ڏسي پوليس کي اطلاع ڪيو ڪنڊڙا پوليس واقعي واري هنڌ پهچي پورپل لاش ڪڍي تحويل ۾ ورتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور ۾ قومي فنڪاره مادر سنڌ جيجي زرينہ بلوچ جي 18 هين ورسي تقريب، پيٽا پيش

جيجي زرينہ بلوچ پنهنجي گيتن وسيلي سنڌ جي جهرجهنگ ۾ سجاڳيءَ جو پيغام ڏنو، قومي ڪاز ۾ هوءَ هميشہ اڳڀري رهي : اڳواڻ

جيجي زرينہ بلوچ ضياءَ جي مارشلا واري دور ۾ سختيون برداشت ڪيون پر هُن آڻ ڪا نہ مڃي، جيجي نج سنڌياڻي ۽ سادي عورت هئي

سنڌياڻي تحريڪ جي وجود سندس ڪاوشن جو نتيجو آهي، هوءَ هميشہ لاءِ امرتي وئي ۽ سندس يادون هميشہ ياد رهنديون

شڪارپور(ٻ ر) قومي عوامي تحريڪ شڪارپور پاران سنڌياڻي تحريڪ جي باني اڳواڻ، اديب، استاد ۽ قومي فنڪاره مادر سنڌ جيجي زرينہ بلوچ جي 18 هين ورسي تقريب عوامي هائوس تي پيٽا پيش ڪري ملهائي وئي. ڪير اي ٽي پاران جيجي زرينہ بلوچ جي 18 هين ورسي تقريب ملهائي ڪري عقيدت ۽ احترام سان پيٽا پيش ڪئي وئي ان موقعي تي ايڊووڪيٽ آغا فهد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

محرابپور جي شهيد سپاهي اعجاز
ڪنڊ ڪيس ۾ 2 جوابدارن کي
عمرقيد جي سزا، ٽيون بري

محرابپور(رپورٽر) محرابپور جي شهيد سپاهي اعجاز ڪنڊ ڪيس ۾ 2 جوابدارن کي عمر قيد جي سزا، ٽيون بري، چوٿون اڳ ئي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو هو، ايڊيشنل سيشن جج جناب طاهر حسين ابڙو جي عدالت محرابپور جي شهيد سپاهي اعجاز ڪنڊ ڪيس ۾ 2 جوابدارن مجاهد چانگ ۽ عابد خاصخيلي کي عمر قيد جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور : جيجي زرينہ بلوچ جي ورسي تقريب جو ڏيک

سامارو ۾ فلسطين جي مسجد اقصي جي حق ۾ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

فلسطين جي مسلمان ڀائرن مٿان اسرائيل پاران ٿيندڙ ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

فلسطين جي مسلمان ڀائرن مٿان ٿيندڙ ظلمن جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي : مظاهرين

فلسطين جي بيگناهہ مسلمانن مٿان تشدد جي سخت مذمت ڪريون ٿا، نوٽيس ورتو وڃي

سامارو(رپورٽر) فلسطين جي مسجد اقصي جي حق ۾ سامارو روڊ جي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول جي شاگردن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي سخت نعريبازي ڪئي وئي، خبر موجب : فلسطين جي مسلمان ڀائرن سان يڪجهتي جو اظهار فلسطين جي مسلمان ڀائرن مٿان اسرائيل پاران ٿيندڙ ظلم خلاف ۽ فلسطين جي مسجد اقصي جي حق ۾ سامارو روڊ جي اسٽرانگ اسٽيپ اسڪول جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 27 آڪٽوبر 2023ع

.. ته بس پوءِ ڳالهه ئي ختم!!

عارضي اختيارن جي هريڙ چاهت لڳي وڃي. نگران منتظمين پاڻ کي پنساري سمجهڻ لڳا آهن! اهي ڪنهن کي ليکي ۾ ئي نٿا آڻين. حد ته اها آهي جو اهي عدالتي فيصلي جي اورانگهه ڪرڻ تي سندرا ٻڌي بيٺل آهن. توڙي جو اهي ڪارونجهر جي حوالي سان سنڌ جي مزاحمت جا منظر به ڏسي چڪا آهن پر پوءِ بس عدالتي فيصلو مڃڻ بدران انهن ڪارونجهر جي "ته" کي نوڪوٽ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود گرينائيٽ ڪڍڻ لاءِ هڪ اجلاس ۾ ڪارونجهر ۽ "گرينائيٽ سٽي" قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان سنڌ جي نگران ڪابينا کان منظوري ورتي ويندي، جنهن جو اجلاس 31 آڪٽوبر تي سنڌ جي نگران وڏي وزير طرفان گهرايو ويو آهي. ڪابينا جي منظوري، ڪانيون ۽ مائينز جي سربراهي ۽ چهرڪي ڪاميٽي قائم ڪئي ويندي. سنڌ جي قانون ۽ انصاف واري نگران وزير عمر سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪارونجهر جي معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ کي گمراهه ڪيو ويو آهي. عدالت کان اها حقيقت لڪائي وئي ته ڪارونجهر جو سمورو علائقو ثقافتي ورثو قرار ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن سچ ڪارونجهر کي ثقافتي ورثو قرار ڏنو ويو ته پوءِ معدني وسيلا ڪيئن استعمال ٿي سگهندا!

ڪارونجهر قابض ۽ غاصب قوتن خلاف سنڌ جي سنڌ جي تاريخي مزاحمت جو شاهد آهي. روپلي جي ويڙهاند جو گواهه به ڪارونجهر ئي آهي. سامراج خلاف سنڌ جي مزاحمت جي تاريخ ڪارونجهر جي هڪ هڪ پٿر ۽ ساهه ڪٽي ٿي. ڪارونجهر فطرت جي سونهن جو اهين ميوزيم آهي. ڪارونجهر جي اهميت گهڻ رخي آهي. هي صرف جبل نه آهي، جنهن جي پهڻن کي ڀرزا ڪري، ان جي سرپرستي گرينائيٽ ڪڍيو وڃي! ڪارونجهر سنڌ جي فطري سونهن جو مظهر آهي، اها ان جو ماحولياتي تحفظ ۽ ان جي سڃاڻپ جو مسئلو آهي. سنڌ جو تاريخي ماڳ پڻ آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪارونجهر کي مقدس استان ۽ ٿرڪ ورثو قرار ڏيئي چڪي آهي ته ڪارونجهر ماڳ ڪوٺائي لاءِ ناهي. ڪارونجهر مائنز اينڊ منرل ڊپارٽمينٽ جي ذاتي ملڪيت نه آهي. جڏهن ته ڪارونجهر ڪنهن ۽ قسم جي ڪوٺائي لاءِ سائيٽ طور ئي دستياب ناهي. پهلن جهنگلي جيوت لاءِ بهتر ماحول جي پڻ زنده ٿي ڪري لاءِ ۽ انهن سيني جانورن، پکين، نسلن لاءِ جن جي پناهه گاهه/رهائش ڪارونجهر آهي. پر ان جي باوجود نگران حڪمران سنڌ جي هر دور جي حڪمرانن جو ڪارونجهر کي هرحال ۽ ليئڻ ڏيڻ. ان کي پچڻ پورڻ جي هوڏ تي قائم آهن. جڏهن سنڌ هاءِ ڪورٽ اهو فيصلو ڏيئي چڪي آهي ته ڪارونجهر مائنز اينڊ منرل ڊپارٽمينٽ جي ذاتي اختيار ۾ نه آهي ته پوءِ بس ڳالهه ئي ختم!

نگران حڪومت جو ڪم چونڊن بعد اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن حوالي ڪري هليو وڃڻ آهي پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اهي اختيارن جي اورانگهه ڪري اهڙي ڪرڻ ڪا چاهين، جن جي ڪا به آئيني حيثيت ئي حاصل نه آهي. اهي چون ٿا ته سچو ڪارونجهر ثقافتي ورثو آهي، ڪائڻ اهو سڄو پهچي سگهجي ٿو. ته سڄو ڪارونجهر ثقافتي ورثو قرار ڏيئي بلاسٽنگ ڪيئن ڪئي ويندي؟ اهو قدم سان ڪارونجهر جي جبل کي ڪٽائي لاءِ ڪرڻ هي. پوءِ ٿيندي. بلاسٽنگ ٿيندي ته چا ان سان ان جبل جي وجود کي نقصان نه ٿيندو؟ ٿيندو چا جانور ۽ ٻيو گڏيڪ ٿي پوندا. ڪارونجهر نگران ان ڳالهه کي سمجهو ته ڳالهه ختم ٿي ويندي. آخر جي نگران وزير عمر سومرو جي ان ڳالهه سان پڻ متفق ٿيندي آهي ته ڪارونجهر جو مسئلو هڪ ثقافتي، تاريخي ۽ حقيقي دولت جي معدني دولت ته پر ثقافتي ورثو به آهي. تاريخ ۽ ٿقافت سميت سنڌ جو سڄو ماحول پڻ آهي. ڪارونجهر ڪنهن نقطو نظر کان هٽي سنڌ، سنڌ جو ماڳ ڪنهن ڪنهن قانون لاڳو ڪندي آهي. ڪارونجهر سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم قانوني ۽ آئيني ماڳ آهي. ان جي ڪري قانون مختلف هوندا آهن. ڪارونجهر جي چوٽين تي ٿي سگهي ٿو سنڌ جي جي ٻي ڪا قانون لاءِ ٿو. ان کي ڪو مهاراجه ڪرنو ۽ سند ٿو ڪرنا ۽ قانون سپه سالار ڪرڻ گهرجي! ان ته پر جبل جي جبل ۾ جون مندرن سميت قديم تيرٿ ۽ آستان آهن. ڪارونجهر جي ماحوليات جو محافظ آهي. ڪارونجهر نيون ۽ نديون وهائي برساتي پاڻي ٿرجي جهول ۾ وجهي ٿو. ڪارونجهر ناياب قسم جي پکين ۽ جانورن جو مسڪن به آهي. ڪارونجهر قيمتي جڙي ٻوٽين جي حصول جو ذريعو به آهي. وڏي تعداد ۾ ماڻهن جو گذر هن جبل سان سلهاڙيل آهي. صرف اهو ئي نه، ڪارونجهر هڪ تمام اهم سياحتي ماڳ پڻ آهي. ان ڪري نگران حڪمرانن کي ان هوڏ تان لهي عدالتي فيصلي جو احترام ڪرڻ گهرجي. ان حوالي سان ڪنهن به قسم جي مهر جوئي هاجيڪار ثابت ٿيندي.

اسرائيل جي رياستي دهشتگردي ۽ غزا جي صورتحال

مُحمد يُوسف پُٽو

اهو ڏينهن 7 آڪٽوبر جو هو جنهن کي 20 ڏينهن ٿيڻ وارا آهن. ان ڏينهن صبح جو سج جي ڀهرئين ڪرڻن سان گڏ ئي نام نهاد ۽ غيرقانوني يهودي رياست اسرائيل جي گاڏي واري هند تل ابيب تي غزا مان راڪيٽن جي برسات ٿي جن ۾ ڪئين بلڊنگز چٽ ٿي ويون. ڪارن ۽ گاڏين کي باهيون ولي ويون. حماس جا مجاهد تاريخ ۾ پهريون دفعو پيرا گلائيڊرز جو استعمال ڪندي اسرائيل جي لڳايل واڙ ۽ حفاظتي ديوار کي عبور ڪندي ڏکڻ اسرائيل (يعني اسرائيل پاران فلسطينين جا زبردستي ۽ دوکي سان قبايل يا والاريل علائقا) جي شهرن ۾ پهتا. نه صرف فضا ۾ زميني ۽ بحري رستن ذريعي ۽ اسرائيل جي فوجي هيڊڪوارٽرن ۽ گاڏين کي نشانو بڻايو حماس پنهنجي هن آپريشن کي "طوفان الاقصيٰ" جو نالو ڏنو هن آپريشن جي نتيجي ۾ ڏکڻ اسرائيل جا 7 کان وڌيڪ شهر جنگ جو ميدان بڻيا. اسرائيل جو بدنام زمانه خفيه ادارو موساد ڪا به پيشگي اطلاع ڏيڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي ويو هي دنيا جي هڪ ايڊوانس وينز سان ليس ان ملڪ جو انٽيليجنس فيليوئر هو جيڪو پنهنجي ايجنسي تي غرور ۽ تڪبر ڪندو هو. اسرائيل جو مهانگي ۾ مهانگو اينٽي ميزائل سسٽم آئرن ڊوم حماس جي راڪيٽ حملن کي روڪڻ ۾ فيل ٿي ويو همي‍شه طاقت جي نشي ۾ ڌت رهندڙ تل ابيب دنيا آڏو تماشو بڻجي ويو. حماس جي حملن اسرائيلي DEFENCE SYSTEM کي مفلوج ڪري ڇڏيو ۽ ملائي ڇڏيو حقيقت اها ته حماس اسرائيل جي خفيه اداري ۽ ايڊوانس هٿيارن جي ڪارڪردگي تي نه رڳو داغ ڇڏي پر انهن کي دنيا آڏو بري نموني وائکو به ڪري ڇڏيو حماس جي "طوفان الاقصيٰ" ۾ وڏي تعداد ۾ اسرائيل جي قابض صيهوني فوجين ۽ انهن جي هڪ جرنيل کي پٽ تان گهيريندي سوگهو ڪري غزا منتقل ڪيو ويو. حماس جي راڪيٽ حملن بعد سينٽرل اسرائيل ۾ بزدل صيهونين ۾ ڀاڄ ۽ افراتفري جا منظر پوري دنيا جي ٽي وي چينلز تي ڏٺا ويا. تل ابيب ۾ ته جنگي سائرن وڄندي روڊ ويران ٿي ويا. اسرائيلي هوائي اڏن تان فلائيٽون بند ٿي ويون. ڏينهن جو حملن بعد ٻاڻ کي آئرن شيلڊ قرار ڏيندڙ اسرائيل ترڪن تي پنهنجي جنگي طيارن کي محفوظ بڻائڻ لاءِ لڪائيندي نظر آيو انهن منظرن جون باقاعدي وڊيوز وائرل ٿيون. حماس صرف 20 منٽن ۾ صيهوني رياست تي 5 هزار راڪيٽ فائر ڪري دنيا کي حيران ڪيو وڏي حيرت جي ڳالهه اها ته هي "طوفان" ان شهر مان اٿيو جيڪو سالن کان دشمن پاران ناڪابندين ۽ پابندين جو شڪار رهيو ان بعد سفاڪ اسرائيل فلسطيني شهر غزا تي مسلسل حملا ڪرڻ لڳو جيڪي تاحال جاري آهن. سفاڪ اسرائيل غزا تي جيڪي حملا ڪيا اهي زياده تر عام فلسطيني مسلمانن، انهن جي گهرن، رهائشي عمارتن، اسڪولن حد ته اها ته اسپتالن ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ عام ماڻهن جي قافلن تي به حملا پيو ڪري. اسرائيلي حملن ۾ غزا شهر ملبي ڍير ٿو نظر اچي. غزا تي صيهوني رياست اسرائيل جي حملن بعد لبنان ۽ اسرائيل واري بارڊر تي لبناني شيعه مزاحمتي تنظيم حزب ۽ اسرائيلي صيهوني فورسز ۾ چڪتاڻ وڌندي ٿي حزب به صيهوني فوجين تي حملا شروع ڪري ڏنا. هڪ اندازي موجب حماس ۽ حزب جي حملن ۾ هيستائين 2 هزار کان وڌيڪ صيهوني هلاڪ ۽ 5 هزار کان مٿي زخمي ٿيا آهن حماس جي ڊپٽي چيف چيو آهي ته "اسرائيل تي هر طرف کان حملا ڪيا آهن. هيءَ جنگ آزادي تائين جاري رهندي" حماس جو چوڻ آهو ته چوڻ هو ته "طوفان الاقصيٰ" صيهونين جي بار بار تشدد ۽ ظلمن توڙي مسجد الاقصيٰ جي بي حرمتي جي ردعمل ۾ آيو آهي "افسوس اهو ته فلسطينين جي سخت ردعمل بعد هن وقت غزا صيهوني بربريت جي ورچڙهيل آهي پر غزا جو اٽل عزم اهو ته غزا جهڪڻ لاءِ تيار ناهي. مسلسل استحصالي ۽ چوڌرد گهيرا بندي باوجود غزا واسي غيرت سان جيئندا رهيا. سچ ته غزا غيرت ۽ وقار جو نالو آهي. غزا غمن کي دشمن خلاف طوفان ۾ بدلائي ڇڏڻ جو به نان آهي. آميريڪي ۽ برطانوي جنگي ٻيڙا اسرائيل جي تحفظ لاءِ ان جي آسپاس تعينات ٿي ويا آهن. جن جي پناهه ۾ سفاڪ اسرائيل جي رياستي دهشتگردي ۽ فلسطينين جي نسل ڪشي جاري آهي. افسوس غزا تان غمن جا بادل لهن ٿي نٿا. هي ياد رهي ته اولهه جي طاغوتي طاقتن جي پاڇي ۾ غزا ۾ خون ۽ باهه جي هولي کيڏي پئي وڃي. غزا جيڪو بهار جي بوءِ آهي. اسرائيل بارود جي بوءِ آهي. غزا جيڪو روشني آهي. اسرائيل انڌڪار آهي. اهو غزا جو شهر روشنين جي ان ڏيئي وانگر آهي جيڪو صيهونيت جي ظلمتن جي هزار بار ڪوشش باوجود اجهامڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي ۽ اهڙي روشني کي هر اهل دل جو سلام!

غزا غم جي تصوير بڻيل آهي. غزا انساني ضمير جو آواز بڻيل آهي. غزا هر اهل دل جي اشڪبار اکين ۾ گهر ڪري ويٺل آهي پر غزا بي رحم بگهڙن، گجهن، ارڙ ٻلائن هٿان چوڏاري گهيريل به آهي. غزا تي واسينگ وارڪري رهيا آهن غزا کي هڙپ ڪرڻ لاءِ دنيا جون بي رحم شيطاني قوتون جلاد اسرائيل جي پٺي ٺپي ان کي همٿائي رهيون آهن ۽ شيطاني قوتن جو ساٿاري اسرائيل غزا جي ناڪابندي ڪري اتي جي شهرين کي لڏپلاڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. اها 1948ع وانگر بيهر مقامي ۽ اصل رهواسين کي زبردستي ٻاهر ڪڍڻ عالمي قانونن ۽ انساني حقن جي وڏي لتاڙ آهي جيڪا هن وقت هن مهذب دنيا ۾ ٿي رهي آهي. وڏي شرم جي ڳالهه اها ته آمريڪا، برطانيا ۽ فرانس وغير بجاءِ جنگ بندي جون ڪوششون ڪرڻ جي، بيٺو عالمي دهشتگرد رياست اسرائيل جي حمايت ۾ پيش پيش آهن. آمريڪا ته غزا تي سنگين اسرائيلي حملن جو دفاع ڪندي انهن کي اسرائيل جو حق ڪوٺيو آهي. بي گناهه شهرين تي اگراج جي دنيا ۾ ته اسرائيل جهڙي سفاڪ رياست ۽ ان جو صيهوني وزيراعظم نيتن ياهو فاسفورس بمن ۽ ڪلسٽر بمن جو استعمال ڪري داها سموري انسانيت کي لڄائيندڙ ڳالهه آهي. هڪ وحشي ۽ انسانيت کان ڪريل شخص جو صيهوني رياست اسرائيل جو ان نهايت ڪڏي عمل بعد به وزيراعظم جي منصب تي رهڻ دنيا جي امن ۽ سلامتي متعلق سوال اٿاري ٿي هن صيهوني شخص کي خود اسرائيلي ميڊيا هن تازي صورتحال جو ذميوار قرار ڏنو آهي ته هي ڏکڻ فلسطين ۾ مسلسل فلسطينين جي زمينن تي يهودي آبادڪارن کي رهائڻ ۾ لڳو پيو هو جنگ جي ويهين ڏينهن تائين قاتل صيهوني اسرائيل جي تازي رياستي دهشتگردي جي نتيجي ۾ غزا جا 5 هزار ست سئو کان وڌيڪ بي ڏوهي شهري شهيد ٿيا آهن. هزارين فلسطيني زخمي ۽ 15 لک فلسطيني بي گهر بڻجي ويا آهن سفاڪ اسرائيلي ظلمن جو اندازو ان مان لڳايو جو نقل مڪاني ڪندڙن ۽ پناهه گاهه واري ڪئمپن ۾ ترسيلن تي به هن سفاڪ ۽ رهزن صيهوني رياست حملا ڪيا. هن کان وڌيڪ بي ڪا عالمي دهشتگردي جي تشريح ٿي سگهي ٿي؟ پيو ڪو سنگين عالمي جنگي ڏوهه ٿي سگهي ٿو؟ اسرائيل رهزني جون سموريون راهون لتاڙي ڇڏيون. درندي صفت صيهوني نيتن ياهو کان وڌيڪ دنيا ۾ شايد انساني رت پياڪ ڪو هجي! برطانوي نشرياتي اداري بي بي سي اسرائيلي ظلم ڏيکاريندڙ وڊيو جاري ڪري اسرائيل جي حامي نام نهاد عالمي طاقتن جي منهن تي چماٽ هڻي آهي. واضح رهي انهيءَ مشهور عالمي خابرو اداري بي بي سي حماس کي دهشتگرد قرار ڏيڻ کان انڪار ڪري حڪومتي ۽ شاهي خاندان جي ڊڪٽيشن قبولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو بي بي سي تي صيهوني نواز برطانوي حڪومت ۽ اتي جي شاهي خاندان جو دٻاءُ هو ته اها حماس کي دهشتگرد قرار ڏي پر بي بي سي حماس بابت اهڙو زهريلو دٻاءُ قبول نه ڪندي. اهڙو لفظ استعمال ڪرڻ کان انڪار ڪري پنهنجي ساک کي نه صرف برقرار رکي ڇڏيو پر ذميوار خابرو اداري هئڻ جو تاثر به قائم ڪري ڇڏيو. جڏهن ته بي مغربي دنيا سميت پارتي ميڊيا جي اسرائيل خلاف برسر پيڪار فلسطيني ۽ مسلم مزاحمتي تنظيمن حماس ۽ حزب خلاف منفي خبرن ۽ پروپيگنڊا جو سلسلو به جاري آهي. هڪ طرف امن جو ازلي دشمن اسرائيل آهي. ٻئي طرف پنهنجي ڌرتي تان صيهوني والارختم ڪرائڻ ۽ بيت المقدس جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪندڙ مظلوم فلسطيني آهن هڪ طرف دنيا جهان جا جديد ترين هٿيار آهن ته ٻئي پاسي صرف آزادي جو جذبو آهي. اميد اها ٿي آهي ته "الاقصيٰ طوفان" فلسطينين لاءِ فتح جو استعارو بڻجي. غاصب صيهونيت جي شڪست جو به باعث بڻجي هن جنگ ۾ عالمي طور تي هن وقت تائين اسرائيل جي نقصان جو 7 ارب ڊالرز تائين اندازو لڳايو پيو وڃي پر اسرائيل- حماس جنگ ۾ ڪن ماڻهن جو خيال اهو به آهي ته عالمي انساني برادري کي گمراهه ڪرڻ لاءِ جاڻي واڻي اسرائيل جو وڏو نقصان ٻڌايو پيو وڃي. جڏهن ته نهايت داداگيري، وحشياڻي نموني ۽ وڏي سفاڪي سان فلسطينين جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. فلسطينين جي نه مسجد محفوظ رهي، نه گهر، نه اسڪول نه اسپتال. حد ته اها آهي ته اسپتال، ايمبولينسز ۽ رهائشي عمارتن کي به بخش نه پير ڪيو وڃي. چو ته غزا جي بجلي، پاڻي توڙي کاڌ خوراڪ جي فراهمي بند ڪئي وئي آهي. روز وڏي تعداد ۾ فلسطينين کي شهيد ۽ زخمي ڪيو ويو آهي. شهيد ٿيندڙن ۾ ٻار ۽ عورتون شامل آهن. غزا جي 12 اسپتالن ۾ گنجائش ختم ٿي وئي آهي. موبائل جي روشني ۾ زخمين جا علاج ڪيا پيا وڃن. جڏهن ته لکين بي گهر ڪيا ويا آهن. ان صورت ۾ سازش اها آهي ته اهڙيون خبرون ڦهلائي عالمي طور تي ڪٿر ۽ انسانيت کان عاري اسرائيل خلاف مؤثر احتجاجن ۽ وڌندڙ نفرت کي روڪيو وڃي. هڪ وٽي اهڙي صورتحال پيدا ڪري رهيل غزا جي علائقي کي ڀهضم ڪيو وڃي. عالمي امن جا دعويدار نام نهاد ٺيڪيدار آمريڪا ۽ برطانيا ٻڪايل ٻگهڙن ۽ گجهن وانگي رڄ اوپر تي لامارا ڏئي رهيا آهن. هنن جو ڪڏو ڪردار بس ايترو آهي صيهونين جو تحفظ ۽ صيهونين جي هر غلاظت کي صاف ڪرڻ آهي. دنيا کان هو اهو سچ ڪيترو لڪائيندا ته اسرائيل انسانيت خلاف آزار جو نالو آهي. اسرائيل عالمي امن تي هڪ بدنما داغ آهي. هوڏانهن اسرائيل جي حمايت ڪرڻ بعد پارت جي منافقت به اجهو ظاهر ٿي. يعني هڪ بدمعاش اسرائيل جهڙي بي بدمعاش جي حمايت ۾ سامهون اچي آمريڪا ۽ يورپ وارن جي ڪاوڙ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ آهي. چو ته ڪينيڊا ۾ سک اڳواڻ هرديپ سنگهه نجرجي قتل ۾ بدنام زمانه پارتي خفيه اداري "را" جو هٿ ثابت ٿيڻ ۽ ڪينيڊا پاران هڪ اهم پارتي سفارتڪار جي ملڪ نيڪالي پارت جي عالمي دهشتگردي واري چهري کي وائکو ڪيو ويو موت ۾ پارت به ڪينيڊين سفارتڪار کي ملڪ بدر ڪيو پر ڪينيڊين وزيراعظم جو ڪلر ڪلا پارت کي سک اڳواڻ جي قتل ۾ ملوث قرار ڏيڻ ۽ واقعي کي ڪينيڊا جي خودمختياري ۽ آزادي تي حملو ۽ مداخلت قرار ڏني عالمي ميڊيا ۾ آيل خبرن موجب ڪينيڊا پارت سان تجارتي معاهدا معطل ڪري. پارت مان پنهنجا ڪيترائي سفارتڪار واپس گهرائي ڇڪو آهي. آمريڪا ۽ مغربي دنيا ان واقعي تي ڪينيڊا سان گڏ بيهي رهي ۽ واقعي جي تحقيقات ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ پارت تي دٻاءُ وڌو ويو پارت هاڻ وري موقعي مان فائدو وٺي اسرائيل جي حمايت ڪري مغربي دنيا وٽ SOFT IMAGE قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي.

اسرائيل عالمي قبضا گير رياست آهي جنهن جي بڻ بنياد ۾ جارحاڻا ارادا سمايل آهن. اسرائيل صرف انتهاپسند يهودي رياست ٿي: آهي پر جارحيت پسند رياست طور دنيا ۾ جاڻي سڃاتي وڃي ٿي. اسرائيل جا ارادا توسيع پسندانا به آهن. اسرائيل جا صيهوني عراق جي فرات درياءَ تائين ڦهلاءَ جي زهريلي سوچ رکن ٿا ۽ هر وقت گريٽر اسرائيل جا خواب ڏسن ٿا. جنهن ڪري اسرائيل جا پاڙيسري ملڪ خوف ۽ عالمي امن به مسلسل خطري ۾ رهي ٿو هوڏانهن روسي صدر پيوٽن فلسطينين جي حمايت ڪندي چيو آهي ته "آزاد رياست فلسطينين جو حق آهي" ۽ چيني صدر پڻ هن مسئلي جي مستقل حل لاءِ آزاد فلسطيني رياست جي قيام جي حمايت ڪئي. مسلم دنيا جا اڪثر حڪمران خاموش آهن جڏهن ته ايران حماس جي واضح حمايت ڪري ڇڏي. شام، لبنان ۽ يمن به حماس سان بيٺل آهن عالمي دهشتگرد صيهوني وزيراعظم نيتن ياهو جي غزا ۽ ٻين فلسطيني شهرن ۾ جنگي ڏوهن خلاف ۽ فلسطين جي حق ۾ ايشيا کان يورپ، آفريڪا کان آمريڪا تائين احتجاجي مظاهرا جاري آهن اسلامي دنيا جا شهري ته هونئن به اسرائيلي دهشتگردي خلاف رستن تي آهن. هوڏانهن ڏکڻ آفريڪا ۾ ٿيندڙ هڪ وڏي احتجاج جي اڳواڻي نيلسن منڊيلا جي پوٽي ڪئي نيويارڪ ۾ يهودين جو غزا جي حق ۾ مظاهرو ٿيو خود اسرائيل ۾ اسرائيلي شهري فلسطينين ۽ غزا جي حق ۾ مظاهرا ڪري رهيا آهن. هوڏانهن غزا تي ٿيل اسرائيلي رياستي دهشتگردي ۽ بربريت خلاف يورپ ۾ رهندڙ يهودي به ٻاهر نڪتا. يورپ جي سيني وڏن شهرن ۾ ٿيندڙ مظاهرن ۾ يهودي به وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا آهن انهن مظاهرن ۾ فلسطيني عوام جي حقن کي مڃڻ جا مطالبا به ڪيا ويا. يورپ جي دي هيگ شهر ۾ انصاف جي عالمي عدالت ٻاهران احتجاجي مظاهرا به ٿيا آهن پر پوءِ به انصاف جا در بند آهن چو ته عالمي رهنمائن جو ضمير سجاڳ نه ٿيو آهي. بي شرمي جوان کان وڌيڪ ڪهڙو مثال ملندو جو ڪجهه بااثر مغربي حڪمران اسرائيل سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ پهچي ويا. هيءَ سنگدلي ۽ بي حسي آهي بلڪ نهايت ڪميڻپ به آهي. انهن انڌن کي يوڪرين نظر اچي ٿو صيهوني نظر اچن ٿا بس غزا نظر نٿو اچي. اهو غزا جنهن جا ماتمي منظر سنگدل عالمي ضمير کي جهنجهوڙين پيا. غزا سان انصاف نه ٿيو ته وچ اوڀر مان طويل مزاحمت اسرائيل جي جلادن جي منتظر رهندي! اها باهه پکڙي ته نيش اسرائيل جي پشت پناهي ڪندڙن تائين به پهچندي! صورتحال اها آهي ته پورو وچ اوڀر هن ڏينهن ٻري پيو اگر اسرائيل جي رياستي دهشتگردي نه رڪجي ۽ غزا جي گهيري سميت فلسطيني علائقن تان والارختم نه ڪئي وئي ته وچ اوڀر جي عوام ۾ غم ۽ نفرت جي لهر کي اسرائيل طرف وڌڻ کان ڪير به نه روڪي سگهندو. خاص ڪري اهي ملڪ جن جون سرحدون غاصب رياست اسرائيل سان ملن ٿيون. ڪا به حفاظتي واڙ يا ديوار اسرائيل جي ڪم نه ايندي ۽ هي پورو خطو ٻري اٿندو ۽ پوءِ جنهن ۾ شايد ڪٿي به اسرائيلي وجود باقي نه رهي!

> پاپوهي هيڪار، مون کان پُڇيو سَڄڻين:
> آلسـتَ بِرَبِّڪُم، چِيائون جنهن وارَ:
> سَندي سورَ ڪِنارَ، تَنَ تَڏهانڪُون نه لهي.

ميرٽ جي لتاڙ ۽ ادارن جي تباهي وارو سوال

تحرير: ذلفي چاچڙ

ادارن کي آباد ڪري ڪامياب به فرد بڻائيندا آهن ته وري ڪين بدنام ۽ تباهه به فرد ئي ڪندا آهن. ماضي جا ڪيترائي ڪامياب ۽ شاهڪار وفاقي توڙي صوبائي ادارا، جن جو ملڪي معيشت کي مضبوط ڪرڻ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. جهڙوڪ پوسٽ آفيس، واپڊا، پاڪستان ريلوي، اسٽيل مل، پي آءِ اي ۽ پي ٽي سي ايل وغيره انهن مان اڄ ڪجهه خساري جي خطرناڪ حد پار ڪري چڪا آهن ۽ اهي ملڪي خزاني تي بار بڻيل آهن. ان لاءِ انهن کي سرڪار ٺيڪي تي ڏئي خانگي بڻائڻ چاهي ٿي. جنهن سبب سوين ملازمن جي سر مٿان جبري برطرفي جي خوف واري تلوار سدائين ٽنگيل رهي ٿي. انهن ادارن جي تباهي جو ڪارڻ رڳو ڪرپشن ۽ گنجائش کان وڌيڪ ملازمن جي ڀرتي ناهي. پر ان جو اهم سبب ميرٽ جي لتاڙ پڻ آهي.

اسان جي ملڪ جون واڳون ۽ ادارا نااهل ماڻهن جي حوالي ڪيا وڃن ٿا. جن جي اچڻ سان نه رڳو ادارن جي ساک متاثر ٿئي ٿي، پر اهي مالي معاملن جي ورچڙهي تباهه پڻ ٿي وڃن ٿا. نااهليت، اهليت تي ايتري قدر حاوي ٿي چڪي آهي، جو اسان کي هر هنڌ ۽ اهم پوسٽن تي نااهل ماڻهو ئي ويٺل نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ان قسم جي ناانصافي جي ڀيانڪ صورت هر اداري ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

نقل ڪري پاس ٿيندڙ، سفارشي ۽ رشوت ڏئي ڪا سٺي پوسٽ هٿ ڪندڙ آفيسرن جي هيلپان باصلاحيت محنتي ماڻهو معمولي نوڪريون جهڙوڪ ڪلارڪي پٽيوالي وغيره ڪندي نظر ايندا آهن ۽ انان جو سچو ڪارو هنوار اهي ئي هلائيندا رهندا آهن. ميرٽ تي پرتي ڪندڙ ادارا به اميدوار نوجوانن کان وڏي رقم رشوت طور طلب يا وصول ڪندا آهن. نتيجي ۾ اهل ماڻهون پوئتي ۽ نااهل اڳتي نڪري ويندا آهن. اوهان مان ڪو ڪنهن اهڙي شخص جو مثال به ڏئي سگهي ٿو ته فلاڻي هاري ۽ مزدور جو پٽ ته ڪمشنر، ڊي سي، ايس ايس پي يا پروفيسر وغيره ٿيو آهي، ان پلاڪهڙي رشوت ڏني يا ان رشوت ڏيڻ لاءِ لکين رپيا ڪٿان آندا؟ ان سوال جو نهايت ئي سادو جواب آهي ته جيڪو ادارو ميرٽ تي نوڪري ڏيڻ جو پابند هجي.

اهو پنهنجي ساک بچائڻ ۽ رشوت وٺڻ واري تاثر کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجهه ته ميرٽ جو خيال رکندو. ان معاملي ۾ اهي صرف ان غير سفارشي، سچي ۽ هوشيار اميدوار کي پاس قرار ڏين ٿا، جيڪو سئو سيڪڙو مارڪون ڪڻندو آهي. باقي جتي جائز ڪم ڪرڻ لاءِ به جائز پئسا ورتا ويندا هجن. اتي مڪمل طور ميرٽ جو لحاظ ڪيو وڃي اهو ته ڪوڙو ئي نٿو لڳي. عوام کي روزگار ڏيڻ رياست جي ذميداري هوندي آهي، پر اسان وٽ روزگار ڏيڻ کان پهريان بيروزگار نوجوان جيڪي اڳ ۾ بيروزگاري سميت ڪيترن ئي معاشي مسئلن جي ورچڙهيل هوندا آهن. کان ايتري رقم وصول ڪئي ويندي آهي. جو اها رقم پوري ڪرڻ لاءِ انهن کي پنهنجي سروس جا گهٽ ۾ گهٽ پنج سال ته پڪا ڏيڻا پئجي ويندا آهن. جيئن ڪجهه سال پهريان ڪشمور ضلعي ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ ۽ ٻين کاتن ۾ انڪل ڇهه سئو ماڻهون ڀرتي ڪيا ويا ها. تقريبن پنج سالن کان پوءِ سندن ڀرتي کي جعلي قرار ڏيندي ڪين نوڪرين تان هٽايو ويو هو. ان عرصي ۾ نوڪري ڪندڙ نوجوان پگهار جي صورت ۾ رڳو پنهنجا اهي پئسا ئي واپس ڪري سگهيا، جيڪي انهن رشوت جي صورت ۾ ڏئي نوڪري حاصل ڪئي هئي.

پنج سال سرڪاري ونگار وهڻ سان گڏ انهن جو بيو وڏو نقصان اهو به ٿيو ته اهي سڀ نوجوان عمر جو وڏي وڃڻ سبب ڪنهن ٻئي اداري ۾ اپلائي ڪري پيهر ڪا بي سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ جي اهل به نه رهيا ۽ ايئن انهن ويچارن جو مستقبل تباهه ٿي ويو. سنڌ ۾ نااهل ملازمن کان ڪو به ادارو خالي ناهي، جيڪي بيشڪ ڊگري هولڊر ته آهن پر منجهن اها صلاحيت ۽ وٺن ڪم ڪرڻ جو اهو ڏاڻ ناهي، جيڪا قابليت انهن ڊگريون پيش ڪري ڏيکاري ۽ ان آڌار تي ملازمت حاصل ڪئي.

سنڌ ۾ تازو ٿيندڙ پبلڪ سروس ڪميشن جي امتحان ۾ بي انتها بي قائدگيون ٿيون آهن. جنهن سبب اڪثر باصلاحيت نوجوان چٽا پيٽي واري ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي ويا آهن. ڌانڌلي ۽ دوکي سان اڳتي ايندڙ هر ماڻهو هميشه قوم، ادارن ۽ ملڪ کي نقصان ڏنو آهي، پوءِ اها ڌانڌلي سياسي هجي يا بي ڪنهن نوعيت جي. ڌانڌلي هڪ قسم جوڏاڙو آهي، جنهن سان حقدارن جا حق غضب ڪيا ويندا آهن. جنهن سان ڪين ڦريو ۽ لٽيو وڃي ٿو. هن قوم جي بدحالي ۽ بدنصيبي به ڌانڌلي جي پيداوار آهي. جا ڪان ته ڌانڌلي سان ئي قوم جي هڏ ڏوکي، همدرد ۽ مخلص ماڻهن کي هارائي اسيمبلين کان ٻاهر رکيو وڃي ٿو ان لاءِ ڌانڌلي ڪري ادارن تي قبضو ڪندڙ ماڻهن جي رستا روڪ ڪرڻ ان لاءِ به ضروري آهي ته ان سان نه رڳو نوجوان مايوس ٿي ويندا ۽ سندن صلاحيتون سڌ ٿي وينديون پر ادارن جي تباهي به يقيني بڻجي ويندي ۽ ان سان گڏ قابليت جو قتلام پڻ ٿيندو. جيڪو ڪنهن به صورت ۾ نه ٿيڻ گهرجي.

اسان جي ملڪ جون واڳون ۽ ادارا نااهل ماڻهن جي حوالي ڪيا وڃن ٿا. جن جي اچڻ سان نه رڳو ادارن جي ساک متاثر ٿئي ٿي، پر اهي مالي معاملن جي ورچڙهي تباهه پڻ ٿي وڃن ٿا. نااهليت، اهليت تي ايتري قدر حاوي ٿي چڪي آهي، جو اسان کي هر هنڌ ۽ اهم پوسٽن تي نااهل ماڻهو ئي ويٺل نظر ايندا آهن. اهڙي طرح ان قسم جي ناانصافي جي ڀيانڪ صورت هر اداري ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

بقايا 01

ملڪ ڏانهن واپسي کي يقيني بڻائين جنهن بعد پهرين نومبر کان غيرقانوني پرڏيهين کي حڪومت حراست ۾ وٺي ڪين سندن ملڪن ڏانهن واپس موڪليندي. نگران صوبائي گهرو وزير چيو ته غيرقانوني پرڏيهين کي پنهنجي وطن واپس موڪلڻ جا انتظام بهتر انداز ۾ ڪيا ويا آهن ۽ ان عمل ۾ عورتن، ٻارن، بزرگن ۽ ٻين کي مناسب طريقي سان واپس سندن ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو پر 31 آڪٽوبر جي بعد ڪنهن به غير قانوني پرڏيهين کي ملڪ ۾ رهڻ نه ڏنو ويندو ۽ واپسي کي يقيني بڻايو ويندو. نگران صوبائي گهرو وزير چيو ته توهان وفاقي حڪومت جي پريس ڪانفرنس ضرور ڏٺي هوندي، اها به غيرقانوني پرڏيهين جي ملڪ ۾ واپسي لاءِ ڪيل قدمن جي حوالي سان هئي ۽ اسان جي اڄ جي پريس ڪانفرنس ڪرڻ جو مقصد اهوئي ٻڌائڻ آهي ته نومبر کان غيرقانوني پرڏيهين کي ان کي پنهنجي ملڪن ۾ موڪلڻ لاءِ سنڌ جي نگران صوبائي حڪومت پڻ موثر پلان جوڙي ورتو آهي. پهرين نومبر کان صوبي ۾ رهندڙ سمورن غيرقانوني پرڏيهين کي پنهنجي ملڪ واپس موڪلڻ لاءِ قدم کنيا ويندا. ان دوران عورتن، ٻارن ۽ بزرگن جي احترام جو خاص خيال رکيو ويندو هن چيو ته هن وقت تائين لڳ ڀڳ 2 لک کان وڌيڪ غير قانوني پرڏيهين جي نشاندهي ڪئي وئي آهي هن واضح ڪيو ته غيرقانوني پرڏيهين کي پناهه ڏيڻ وارن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي. ان سلسلي ۾ نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان مڪمل سهڪار حاصل ڪيو پيو وڃي. سمورن غيرقانوني غير پرڏيهين جي خلاف بنا ڪنهن فرق ۽ مؤثر طريقي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن کي واپس سندن اصلي ملڪ واپس موڪليو ويندو نگران صوبائي گهرو وزير چيو ته پاڪستان حڪومت غير قانوني پرڏيهين جا جعلي شناختي ڪارڊ ۽ جعلي دستاويز ڏاهيندڙن خلاف به سخت ڪارروائي جو فيصلو ڪيو آهي بريگيڊيئر ريٽائرڊ حارث نواز چيو ته غير قانوني پرڏيهين کي هٽائڻ لاءِ اعليٰ اختيارين ۽ ٻين معززين کان مدد ورتي ويندي ۽ ڪين باعزت طريقي سان سندن ملڪن ڏانهن واپس موڪليو ويندو. هن چيو ته اسان کي يقين آهي ته ميڊيا به ان سلسلي ۾ اسان جي رهنمائي ۽ مدد ڪندي. ڪچي ۾ آپريشن بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ نگران صوبائي گهرو وزير چيو ته ڪچي ۾ مڪمل ۽ موثر آپريشن جاري آهي. جلد سليون خبرون ملنديون هن چيو ته مان چئان ٿو ته اغوا، ڦرڻ، ڦرو ڌوهن ۾ ملوث ماڻهن خلاف بنا فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ انهن جي سهولتڪارن کي بخشيو نه ويندو هن چيو ته اسٽريٽ ڪرائم جي وارداتن ۽ غير قانوني پرڏيهي به ملوث رهيا آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اغوا ٿيل پوليس اهلڪارن کي بروقت بازياب ڪرايو ويو. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پاڪستان حڪومت جي فيصلن تي سمورن صوبن تي مڪمل عمل ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به غيرقانوني پرڏيهين کي ملڪ ۾ رهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. هن چيو ته منشيات ڪروڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن شهرين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي ٻارن کي تفريحي طور تي منشيات جهڙي شين جي استعمال کان به روڪين ته جيئن ٻار ڪنهن به اٽوڻندڙ واقعي کان محفوظ رهن هن چيو ته غيرقانوني طور به پرڏيهي ڪنهن به ملڪ جا هجن. انهن جي خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ اهڙن ماڻهن کي جعلي دستاويز فراهم ڪرڻ وارن خلاف به سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. هن واضح ڪيو ته غير قانوني پرڏيهين کي مڪمل حفاظت ۽ سٺي طريقي سان واپس سندن ملڪن ۾ واپس موڪليو ويندو.

بقايا 02

هئا. مارجي ويل ڳوٺاڻن خلاف ڪوبه ڪيس داخل ٿيل نه آهي. ايس ايس پي جو جوڙ هو ته جاري ڳوٺاڻا ڳوٺ ۾ لڪي ويٺل ڌوهارين جي فائرنگ ۾ مارجي ويا. عدالت ايس ايس پي کي چند پڇيندي چيو ته جڏهن پوليس ۽ رينجرز پهتي ته جا ڳوٺاڻا اڳ ئي ڇنين ڪين تيار ويٺا هئا؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ۽ جسٽس امجد علي سهتو تي ٻڌل به رڪني بينچ ايندڙ ٻڌڻي تي جاچ آفيسر ۽ ايس ايس پي کان جي آءِ ٽي ۽ ٻين ڌرين جون رپورٽس طلب ڪري ورتيون آهن. عدالت سنڌ حڪومت ۽ رينجرز کان به جواب طلب ڪري ورتو آهي. عدالت ۾ ايس ايس پي پنهنجي رپورٽ ۾ چيو ته واقعي جي وڏي وزيرجي آءِ ٽي جوڙي آهي. ان تي ڪمر ٽي رهيو آهي. درخواست گذار ذوالفقار جلباڻي ۽ ٻين پاران واقعي جي جاچ لاءِ عدالتي ڪميشن جوڙڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي ۽ گهر ڪئي وئي ته واقعي ۾ ملوث اهلڪارن کي گرفتار ڪيو وڃي. ايس ايس پي حيدر رضا عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪارروائي وقت ڳوٺ ۾ ڌوهاري موجود هئا. جن جي فائرنگ ۾ 4 بي گناهه ڳوٺاڻا مارجي ويا.

بقايا 03

بيان رد ڪري ڇڏيو گذريل ڏينهن نجي ٽي وي چينل پروگرام ۾ انٽرويو دوران صدر عارف علوي چيو هو ته

ڪيس يقين نه ٿو اچي ته ڪو جنوري 2024ع ۾ چونڊون ٿينديون اليڪشن ڪميشن جي ترجمان صدر جي موقف جي ترديد ڪندي چيو ته چونڊون ڪرائڻ بابت اليڪشن ڪميشن جون سموريون تياريون مڪمل آهن. اليڪشن ملتوي ٿيڻ جو ڪو امڪان نه آهي ترجمان موجب، تڪبندين جو پهريون مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي. تڪبندين تي اعتراض داخل ڪرڻ جو بيو مرحلو سپائي مڪمل ٿي ويندو اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب، 30 ۽ 31 آڪٽوبر کان اعتراضن تي ٻڌڻي ۽ 30 نومبر تي تڪبندين جي حتمي فهرست شايع ڪئي ويندي. جنهن ڪانپوءِ شيڊيول جو اعلان ڪيو ويندو ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن طرفان جنوري 2024ع جي ٽئين هفتي ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي پر اڃا تائين ان حوالي سان ڪا تاريخ سامهون ناهي آئي.

بقايا 04

ڇڏيون آهن ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ ۽ آءِ جي اسلام آباد اڪبر ناصر خان کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ هدايتون جاري ڪري ڇڏيون آهن ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن اسٽيبلشمينٽ ڊويزن کي ٻنهي آفيسرن جي بدلي لاءِ خط اماڻي ڇڏيو آهي ذريعن ٻڌايو آهي ته ٻنهي آفيسرن جي خلاف اليڪشن ڪميشن کي لاڳيتيون شڪايتون ملي رهيون هيون جنهن سبب ٻنهي کي تبديل ڪرڻ جو چيو ويو.

بقايا 05

آءِ چيئرمين جو شفاف ٽرائل جو حق ڏنو وڃي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ان ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ضمانت ۽ آزادي جي درخواست تي فيصلو سپائي ٻڌايو ويندو. عدالت ضمانت جي درخواست تي دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق پي ٽي آءِ چيئرمين جي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم خاص عدالت ۾ سائفر ڪيس جو ٽرائل روڪڻ ۽ فرد جرم لاڳو ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻي دوران سلمان صفدر ايڊووڪيٽ دليل ڏيندي چيو ته 17 آڪٽوبر تي چالان جي ڪاپي ڏني وئي ۽ سٽن ڏينهن جو وقت ڏيڻ ڪانسواءِ 23 آڪٽوبر تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو سلمان صفدر ايڊووڪيٽ چيو ته الزام هو ته سائفر جو لفظ تبديل ڪيو ويو آهن. هائي ته تبديل ٿيل ۽ ته ئي اصل سائفر جو متن اسان کي فراهم ڪيو ويو آهي. جڏهن سائفر چالان جو حصو ئي نه آهي ۽ اسان کي پتوئي ناهي ته ڪهڙي بنياد تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو ته ٽرائل ڪيئن ٿيندو؟ عمران خان جي وڪيل درخواست ڪئي ته ٽرائل ڪورٽ کي هدايت ڪئي وڃي ته پهريان اسان کي دستاويز فراهم ڪيا وڃن وڪيل چيو ته هن ڪيس ۾ ڪجهه گرفتاري ۽ گهجهه رمانڊ ٿيو، اسان عدالت وٽ درخواست ڪئي ته آيا سين ته جهڙي طرح فرد جرم لاڳو ڪيو ويو آهو قابل قبول ناهي. جلدي ۾ جج صاحب چارج فريم ڪري ڇڏي. ٽرائل ڪورٽ چيو ته جهڙي به درخواست ايندڙ رد ڪئي ويندي. وڪيل سلمان صفدر سائفر ڪيس ۾ ٽرائل روڪڻ جي استدعا ڪئي ۽ چيو ته سپائي ٽرائل ڪورٽ کي شاهدن جو بيان رڪارڊ ڪرڻ کان روڪيو وڃي عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين جو ٽرائل روڪڻ واري درخواست رد ڪندي هدايت ڪئي ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي شفاف ٽرائل جو حق ڏنو وڃي.

بقايا 06

آرمي چيف سان ملاقات ڪئي ملاقات دوران آرمي چيف چيو ته پاڪستان جي هٿياربند فوج، سيڪيورٽي ۽ انٽيليجنس جا ادارا دشمن قوتن جي لاڳيتون ڪوشش جي باوجود دهشتگردي جي لعنت جو بهادري سان مقابلو ڪري رهيا آهن هن چيو ته هر هڪ پاڪستاني جي حفاظت ۽ سلامتي انتهائي اهميت رکي ٿي جنهن تي ڪنهن به قيمت تي سوديبازي ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي، اسان هڪ مضبوط قوم آهيون جنهن اهي استحڪام حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻين آماڻس کي برداشت ڪيو آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير شرڪت ڪندڙن کي غير قانوني سرگرمين کي روڪڻ لاءِ ڪيل قدمن به آگاهه ڪيو ويو جنهن ۾ اسمگلنگ، بجلي جي چوري، منشيات جي پڪيڙ، بارڊر ڪنٽرول جا قدم ۽ پاڪستان مان غير قانوني طور ترسيل پرڏيهين جي وطن واپسي شامل آهن ان ڪانسواءِ آرمي چيف معيشت جي بهتري لاءِ ڪيترائي فعال قدم جن ۾ خاص سيڙپڪاري سهولتڪاري ڪائونسل جي نتيجي ۽ معيشت تي هاڪاري اثرن کي به اجاگر ڪيو جنرل عاصم منير چيو ته فوج پاڪستان جي عوام جي بهتري لاءِ رياست جي ٻين ادارن جي گڏجي مختلف شعبن ۾ قومي ۽ صوبائي سطح تي پوري طرح عمل ۾ مصروف آهي.

بقايا 07

پوليس موبائل ۽ موبائل ٽيسٽنگ ليب پڻ هئي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم سان گڏ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام جي فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالوجي ڊپارٽمينٽ جا شاگرد پڻ هئا. ٽيم ڪيترن ريسٽورنٽس، هوٽلن، ڪير جي دڪانن ۽ ڪائڻ پيئڻ جي مرڪزن جو معائنو ڪيو صفائي سٿرائي جي خراب صورتحال تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جا ڏنڊ پڻ مقرر ڪيا جڏهن ته ڪيترن ئي ڪائڻ پيئڻ جي مرڪزن کي امپروومينٽ نوٽسز پڻ جاري ڪيا. سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم انهن مرڪزن کي اٿارٽي کان لائسنس وٺڻ جي پڻ هدايت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڪيماڙي بشير خان چيو ته ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين جي سخت هدايتون آهن ته هر ضلعي ۾ ڪائڻ پيئڻ جي مرڪزن جي صفائي ۽ حفاظتي صحت جي اصولن جي سختي سان پابندي ڪرائي وڃي.

بقايا 08

ڪئي جنهن ۾ صوبي ۾ گارمينٽس انڊسٽري ۾ حفاظتي خطرن بابت سڌارن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ ايڪارڊ وفد جي ميمبرن ۽ ٽيڪنيڪل ايڊوائيزر فائر اينڊ سيفٽي ماهر ڪينيڊين بريڊ لوون، ٽيڪنيڪل ايڊوائزر فار فائر اينڊ سيفٽي انجنيئر آمريڪا ڊينئل اينٽونيلن، فرانس جي هيڊ آف پاليسي اينڊ اڪائونٽيبلٽي ان انٽرنيشنل ايڪارڊ محترمه ويرونڪا ڪيمر ۽ پاڪستان ڪنسلٽنٽ ذوالفقار شاهه شرڪت ڪئي. جڏهن ته وڏي وزير جي معاونت سنڌس سيڪريٽري رحيم شيخ، سيڪريٽري صنعت رشيد سولنگي ۽ سيڪريٽري ليبر شارق احمد ڪئي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ايڪارڊ ماڊل بنگلاديش ۾ 2013ع کان ڪاميابيءَ سان لاڳو آهي. بنگلاديش هاڻي دنيا جي محفوظ ۽ شفاف تيار ٿيل ڪپڙن جي صنعتن مان هڪ آهي. هن کي وڌيڪ ٻڌايو ويو ته 2000 کان وڌيڪ فيڪٽرين جو معائنو ڪيو ويو آهي. 120000 حفاظتي خطرن کي درست ڪيو ويو آهي ۽ 20 لک کان وڌيڪ مزدورن کي ڪم جي جاءِ تي حفاظت لاءِ سکيا ڏني وئي آهي ۽ حفاظتي شڪايت جي طريقيڪار تائين رسائي حاصل ڪئي وئي آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته انهن سڌارن بنگلاديش کي بين الاقوامي ڪپڙن جي برانڊن لاءِ هڪ بهتر آپشن بڻائي ڇڏيو آهي جنهن سان ملڪ جي برآمدات ۾ مدد ملندي ۽ ملبوسات جي پيداوار لاءِ هڪ پائيدار ماحول سامهون آئي آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته 79 برانڊز پاڪستان ايڪارڊ تي صحيحون ڪيون آهن ۽ انهن برانڊز کي فراهم ڪندڙ 470 فيڪٽرين جي فهرست آهي جنهن پروگرام تحت 700000 کان وڌيڪ مزدورن کي روزگار ڏيڻ جو ڪاتو آهي. وفد چيو ته کي پختو يقين آهي ته پاڪستان ڪم جي جڳهه جي حفاظت ۾ سڌارن ۽ وڌيڪ پائيدار ڪاروبار ڪرائڻ بابت ACCORD پروگرام مان فائدو حاصل ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو يورپ ۽ ڊپلوميٽڪ قانوني جي تعارف سبب عالمي برانڊز هائي وسيلن لاءِ محفوظ مارڪيٽون ڳولي رهيا آهن. ايڪارڊ هڪ قابل اعتماد ۽ پروسي مند حفاظتي پروگرام تحت 180 کان وڌيڪ برانڊز جي حمايت حاصل آهي جي عالمي اعتبار ۽ مثبت ڪردار ادا ڪندي باڪرڪيو ته هو اهڙو ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ تيار رهيا آهن جتي هر ڪم ڪندڙ حفاظتي قدمن تحت ڪم ڪري سگهي. هن چيو ته بلديا فيڪٽري سانحو هڪ خوفناڪ مثال آهي. وڏي وزيرليبر ڊپارٽمينٽ کي هدايت ڪئي ته ايڪارڊ سان هڪ ايم او يو تي صحيحون ڪيون وڃن ته جيئن گارمينٽس انڊسٽري ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي خطرن کان بچائي سگهجي.

بقايا 09

حڪومت جو ڪم فقط بروقت صاف شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪرڻ آهي. گيس جي اگهن ۾ اضافي سان عوام مٿان 350 ارب رپين جو بار پوندو، مهانگائي جي ماريل عوام جي اگهه ۾ ٿي حڪمرانن جي ناقص معاشي پاليسين ۽ ڪرپشن جي ڪري خريداري جي سگهه ختم ٿي چڪي آهي اهڙي صورتحال ۾ وري گيس جي اگهن ۾ 200 فيصد اضافو ڪرڻ بي حسي جي انتها آهي. صوبائي امير هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته مصنوعات مٿان ڳاتي ٽوڙ ٽيڪس عائد. هر روز اگهن ۾ اضافي کان پوءِ نگران حڪومت گيس قيمتن ۾ به 200 فيصد اضافو ڪري مهانگائي جي ماريل عوام جي زخمن تي لوڻ برڪي رهي آهي. هجي يا مستقل حڪومت هر دور ۾ حڪمرانن جي عياشين ۽ عالمي مالياتي ادارن جي بسمياري ۽ اشرافيه جي عوام مٿان مهانگائي جا بم ڪيرائي سهولتون ڏئي ملڪ کي برباد ۽ عوام کي ڪنگال ڪرڻ ۾ ڪا به ڪسر ڪونه ڇڏي آهي. هن وقت غربت ملڪ جو سڀ کان وڏو ۽ بنيادي مسئلو آهي. ملڪ ايستائين ترقي نٿو ڪري سگهي جيستائين عوام خوشحال نه هجي. حڪمران طبقي "اجهي" جو نعرو هڻي غريبن کي بنيادي ضرورتن کان محروم رکيو آهي. پي ڊي ايم سرڪار پاران جا سيئي رڪارڊ ٽوڙڻ کان بعد طاقتور ڌرين تي مسلط ڪيل نگران حڪومت به پيٽرول، گيس جي اگهن ۾ ڳاتي ٽوڙ اضافو ڪري عوام جو ڪچومر ڪڍي ڇڏيو آهي. پهرين نومبر کان اگهن ۾ 200 فيصد اضافو ڪرڻ سان عوام مٿان 350 ارب رپين جو بار پوندو ان کان اڳ فيبروري ۾ به گيس جي اگهن ۾ 113 فيصد اضافو ڪيو ويو هو جنهن سان عوام تي 340 ارب بار پيو. موجوده فيصلي سان عام ماڻهو جي مشڪلات ۾ ويتر اضافو ٿيندو. صوبائي امير حڪومت تي زور ڀريندي پرزور مطالبو ڪيو آهي ته في الفور بجلي، گيس سميت عام واهپي واري شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ۽ پيٽرول ۽ بجلي تي عائد ڀاري ٽيڪس ختم ڪري حڪومت عوامي مسئلن جي حل لاءِ ترت قدم کڻي.#

بقايا 10

جي سربراهي ۾ ڪيترن ڪائڻ پيئڻ جي مرڪزن جو معائنو ڪيو. ان موقعي تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم سان گڏ پوليس موبائل ۽ موبائل ٽيسٽنگ ليب پڻ هئي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم سان گڏ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام جي فوڊ سائنس اينڊ ٽيڪنالوجي ڊپارٽمينٽ جا شاگرد پڻ هئا. ٽيم ڪيترن ريسٽورنٽس، هوٽلن، ڪير جي دڪانن ۽ ڪائڻ پيئڻ جي مرڪزن جو معائنو ڪيو. صفائي سٿرائي جي خراب صورتحال تي سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ٽيم جا ڏنڊ پڻ مقرر ڪيا جڏهن ته ڪيترن ئي ڪائڻ پيئڻ جي مرڪزن کي امپروومينٽ نوٽسز پڻ جاري ڪيا.

بقايا 11

مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سانگهڙ پريس ڪلب کان ٽريفڪ چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو ويو. احتجاج ۾ سانگهڙ ضلعي جي مختلف پريس ڪلب جي صحافين سميت سياسي، سماجي اڳواڻن جي شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاجي مظاهري کي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ خالد کوکر خطاب ڪندي چيو ته افسوس آهي جو ته به مهينا گذري ويا آهن. شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ پوليس ناڪام وئي آهي. حيرت ته ان ڳالهه تي به آهي ايس ايس پي شهيد جان محمد مهر جي قتل جي پنج منٽن بعد چيو ته قاتلن کي ان جا عزيز آهن. جڏهن پوليس کي اڳواٽ خبر هئي ته ڪئين ٽارگيٽ چوڻ ڪيو ويو هاڻ ريورٽون اچن ٿيون ته شهيد جان محمد مهر کي قتل ڪرڻ کان هفتو اڳ ان کي خبر هئي ته ان جي ڌاڙ ڪندا رهيا جڏهن ته ان وقت چو انهن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي. هنن کي غلطي فهمي آهي ته اسين خاموش ٿي وينداسين. جان محمد جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ اسان کي وڏي وزير هائوس ۾ ٻين منسٽر هائوس ۽ پارليامينٽ آڏو احتجاج ڪرڻو پيو ته ڪنداسين.

بقايا 12

۾ چيو آهي ته گڏيل قومن جي ميمبر ملڪن جي گڏيل ذميواري آهي ته اهو پارٽ سان پنهنجي عالمي ذميدارين جي تعميل کي يقيني بڻائي. هن چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب ڪشمير تڪرار جو حل آهي پرامن طريقي سان حل ٿيڻ گهرجي ۽ اهو واحد رستو آهي جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائي سگهي ٿو. هن چيو ته پاڪستان ڪشميري عوام سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي رهندو ۽ ان حق ۾ پنهنجي جدوجهد ۾ ڪشميري پاڻين ۽ ڀينرن کان هر ممڪن مدد جاري رکندو جيستائين حق خودارادي حاصل نه ٿي وڃي. هن چيو ته پارتي ظلم جي رياستي دهشتگردي باوجود ڪشميري عوام پرعزم آهي. هن چيو ته پاڪستاني عوام اڄ جو ڏينهن ڪشمير تي پارت جي غيرقانوني قبضي جي مذمت ۽ ڪشميري عوام جي غير متزلزل حمايت جي طور تي ملهائي رهيو آهي.

بقايا 13

سلن ڪانپوءِ ٻڌائي ڇڏيو آهي جنهن ۾ عدالت مڪ جوابدار رحيم شاهه کي 6 سال قيد ۽ هڪ لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏيو عدالت ڏوهه ثابت نه ٿيڻ تي ٻين جوابدارن کي آزاد ڪري ڇڏيو ته جڏهن ته جڏهن جي سزا جو حڪم ڏئي ڇڏيو ياد رهي ته جوبڪ جوابدار رحيم شاهه عدالتي ريمانڊ تي جيل ۾ آهي. ڪيس ۾ ڊي ايس پي شوڪت شاهاڻي ۽ ٻيا جوابدار ضمانت تي آزاد آهن ان سلسلي ۾ ڪيس جي فريادي منور راڄنهڙ ۽ وڪيل محمد خان شيخ ۽ ٻين هن فيصلي کي هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته ان سلسلي ۾ لاڙڪين انڊس ٽي وي طرفان جڏهن محمد خان شيخ سان رابطو ڪيو ويو ته هن چيو ته بيدردي سان قتل ڪيل ارشاد رانجهاڻي جي قاتلن کي عدالت ريليف ڏنو آهي اهڙي فيصلي سان اسان مطمئن نه آهيون. اسان هن فيصلي کي هاءِ ڪورٽ ۽ چيلينج ڪنداسين ته مقتول ارشاد رانجهاڻي کي انصاف ملي جي ڏينداسين واضح رهي ته ارشاد رانجهاڻي جو قتل ڪيس شاهه لطيف ٿاڻي تي 6 فيبروري 2019 تي داخل ڪيو ويو هو ڪيس ۾ دهشتگردي جا ڦلم پڻ شامل آهن.

بقايا 14

عبدالقيوم هاليجوي، عبدالرحمان ڏنگراج، اڪرم پيرزادو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي خطاب ڪندي راشد محمود سومرو چيو ته نوشهرو فيروز جي عوام امن مارچ جو وڏيڪ استقبال ڪيو آهي هن چيو ته سنڌ ۾ 800 ماڻهو ڏاڙيلن جي ٻنجي ۾ آهن معصوم ٻنائين جا جنازا کڻي پيا وڃن ته ٻئي پاسي حڪمرانن سرڪاري ڪٽ خريداري ۾ 77 ڪروڙ هڙپ ڪيا ۽ ٻاهر ڪان هڪ ٻيو گهر کي گهرو ڪيو آهي سنڌ مان ميرٽ جو جنازو ڪڍيو ويو آهي اهل ماڻهن کي ناپاس ڪري وٺن کي پاس ڪيو ويو اسڪولن ۾ تعليم عوام کي بجاءِ ڏنا وڃي جون سهولتون ناهن سنڌ جا مارڪيٽ جي غير محفوظ آهن ماضي جي حڪمرانن سنڌ کي لٽيو ۽ قرب آهي. هن چيو ته سنڌ جي امن جي ڳالهه ڪيين ٿا، چاڪاڻ ته اسان کي امن کپي. هن چيو ته پاڻياري پوڙ ۾ عوام جي خدمت ڪئي ڪارونجهر ڪپائيندين پادر ڪائيندين جو نعرو هڻي. سنڌ ڪپائيندين پادر ڪائيندين جو نعرو. هن اسان ٿي بيگناهه ماڻهن جا جنازا اسان کنڻ. وسيلن جو ڪرپشن اسان وڙهون. مظلوم سنڌ سان مظلوم ماڻهون ڪاڏي سوڻ هون؟ سوال جا جواب به اسان ڏيون؟ هن چيو ته ڏاڍو پيو هڪ پوليس واري سول ڪپڙن ۾ سوال ڪري پيو بدمزگي ڪيو ويو پٽي ته ڪپين ٿي. ته هن ان پوليس واري کي بدمزگي لاءِ ڪنهن موڪليو آهي مون آءِ جي کي ايف آءِ آر ڪٽرائي ته اين سي باقي جانچ ڪرائڻ جو الزام غلط آهي. باقي پوليس واري ته هو هنگامو ڪيو ويو هو. هن چيو ته وزير اعظم پاڪستان کي سڪرو پٽ ڪرڻ جو ڪڍيو ڊيڪاريو هو ته سنڌ جي تقسيم جي ڪميٽي جوڙي وئي آهي. هاڻي پوتار ۽ مخالفين ان مارچ کي ڏسي وڌو آهن. هن چيو ته مهانگائي جي مارچ مون ڏسي باقي اڳ جو ڪيس ڪين هن جي لاءِ بلاول ڀٽو کي جواب جو حساب ٿا ونو؟ ڪهڙو ته هن وي چيو ته مناظري لاءِ تيار آهيان هن ٻن سنڌي جي ان مان ماڻهن ايجنڊا ۾ شامل آهي. پر پڇن جو چاهيان ٿي ملڪيتون ڪنهن ڏنيون؟ حڪمرانن ڏارين کي زمينون ڏنيون ڪراچي ۽ ڏاريا آباد ڪرايا. هن چيو ته نوشهرو فيروز جي امن لاءِ هر مهيني 28 ڪروڙ بجيٽ آهي پر امن ناهي. جڏهن ته بوڙ ۽ هن ضلعي جو وڏو نقصان ٿيو پر اسان عوام کي مصيبت ۾ نه ڇڏيو آهي. نوشهرو فيروز جي سرڪاري اسپتال کي 2 ارب 92 ڪروڙ بجيٽ ڏني وئي پر مري رهيو آهي شهرن ۽ صفائي نه ٿي ٿئي، حڪمران بجيٽ ڪئي ويا. اربين رپيا هڙپ ڪري ويا.

برسات متاثرن کي سرڪاري امداد به نه ملي حڪمرانن 2 ارب ورلڊ بئنڪ کان ورتا صرف نوشهرو فيروز ضلع لاءِ پر نوشهرو فيروز ۾ متاثرن کي گهر نهي نه مليا آهن

بقايا 15

جي سزا خلاف اپيلون بحال ڪرڻ ۽ نوازشريف جي حفاظتي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ عامر فاروق ۽ جسٽس مياں گل حسن اورنگزيب تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ سمورين درخواستن کي گڏ ڪري ٻڌڻي ڪئي نوازشريف طرفان ايڊووڪيٽ امجد پرويز ۽ اعظم نذير تارڙ پيش ٿيا. نوازشريف به عدالت ۾ موجود هو جڏهن ته پراسيڪيوٽر جنرل نيب پراسيڪيوشن ٽيم سان گڏ عدالت ۾ پيش ٿيو. پراسيڪيوٽر جنرل نيب چيو ته پٽيشنر جنهن لمحي سرينڊر ڪيو ان وقت هن پاڻ کي عدالت جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته ڇا اوهان اپيل ڪندڙ کي گرفتار ڪرڻ چاهيو ٿا؟ پراسيڪيوٽر جنرل نيب چيو ته ان باري ۾ اڳ ئي ٻڌائي چڪو آهيان ته اسان کي گرفتاري نه گهرجي. چيف جسٽس چيو ته اوهان کان بطور عدالتي مددگار پڇي رهيا آهيون اپيل بحال ٿئي ته ضمانت جو اسٽيٽس ڇا هوندو؟ پراسيڪيوٽر جنرل نيب چيو ته اوهان اپيل ڪندڙ کان پيهر ضمانتي مچلڪا وٺي ڇڏيو. جسٽس ميان گل حسن چيو ته منهنجو خيال آهي ته پراسيڪيوٽر جنرل وڏي واضح پوزيشن ورتي ڇڏي آهي. پراسيڪيوٽر جنرل نيب چيو ته ريفرنس واپس وٺڻ جي گنجائش ٽرائل دوران موجود هئي قانون موجب فيصلي جي خلاف اپيل داخل ٿئي ته ڪيس واپس نٿو ٿي سگهي. نوازشريف جون 2 اپيلون ٻڌڻي هيٺ هيون جيڪي پيروي نه ڪرڻ تي رد ڪيون ويون اسان کي نوازشريف جون اپيلون بحال ڪرڻ تي ڪوبه اعتراض نه آهي. اشتهاري عدالت جي سامهون سرينڊر ڪري ڇڏيو آهي ته ان جي اپيل بحال ٿيڻ گهرجي نوازشريف جي وڪيل امجد پرويز ايڊووڪيٽ چيو ته مرير نواز جي ايون فيلڊ ريفرنس مان بريت جي فيصلي ۾ عدالت واضح ڪري ڇڏيو آهي. عدالت چيو ته نيب کي ڪيترائي پيرا موقعا ڏنا ويا پر 3 پيراوڪيلن کي تبديل ڪيو ويو عدالت فيصلي ۾ لکيو آهي ته نيب نوازشريف جو ڪردار به ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو عدالت چيو ته نيب پنهنجي ذميواري ادا ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. عدالت سڳوري دليلن کان پوءِ فيصلو محفوظ ڪري ورتو جيڪو ڪجهه دير کان پوءِ ٻڌايو ويو جنهن ۾ عدالت نوازشريف جي العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ سزا جي خلاف اپيلون بحال ڪري ڇڏيون. نوازشريف جي حفاظتي ضمانت بابت لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي ۾ ٻڌايو ويندو نوازشريف جون اپيلون بحال ٿيڻ کان پوءِ هاڻ باقاعده ٻڌڻي جي لاءِ مقرر ڪئي ويندي. نوازشريف اپيلون بحال ٿيڻ کان پوءِ شهباز شريف سان گڏ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان روانو ٿي ويو ٻئي طرف اڳوڻي قانون واري وزير ۽ نوازشريف جي وڪيل اعظم نذير تارڙ چيو ته ايون فيلڊ ريفرنس ۾ نوازشريف جي اپيل بحال ٿيڻ کان پوءِ ضمانت به ٿي وئي آهي. اعظم نذير تارڙ چيو ته العزيزيه ڪيس ۾ پنجاب حڪومت نوازشريف جي سزا معطل ڪري چڪي آهي.

بقايا 16

2900 رپيا مهانگو ٿيڻ بعد به لک 11 هزار 350 رپين جو ٿي ويو آهي اهڙي ريت ڏهه گرام سون 2486 رپيا واڌ ڪانپوءِ هڪ لک 81 هزار 198 رپين جو ٿي ويو آهي. هوڏانهن عالمي مارڪيٽ ۾ سون في اونس 20 ڊالر جاڙهه بعد هڪ هزار 990 ڊالر جو ٿي ويو آهي.

بقايا 17

ڇڏيو. رات دير سان شهر جي مختلف هنڌن تي مقابلن ۾ 3 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. گلستان جوهر ۾ مقابلي ۾ مارجي ويل ڌوهاري جو ڪرمنل رڪارڊ سامهون اچي ويو، پوليس مطابق مارجي ويل جوابدار راشد بين بن ساٿين سميت سپرهاءِ وي گلستان سوسائٽي جي گهر ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ چوري ڪئي هئي جوابدار شادي واري گهر مان 1 ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جا زيور ۽ پرڏيهي ڪرنسي چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا. پوليس ٽيڪنيڪل بنيادن تي ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار ڪي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدار ياسر جي نشاندهي تي گذريل شام گلستان جوهر ۾ چاپو هنيو ته جوابدار سان مقابلو ٿيو مقابلي ۾ مارجي ويو. پوليس موجب چوري ٿيل زيور ۽ پرڏيهي ڪرنسي به هٿ ڪئي وئي آهي. ٻي پاسي اي وي ايل سي پهوان ڳوٺ ۽ احسن آباد جي ويجهو ميينا مقابلن ڪان پوءِ 2 ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. ماڙي پور روڊ تي به مبينا پوليس مقابلي تي گينگ وار ڌوهاري نعيم خاصخيلي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري دستي بم هٿ ڪيو ويو.

بقايا 18

ڪري ورتو. تفصيل موجب سي ٽي ڊي وفاق کي حساس اداري سان گڏجي حب ريور روڊ تي ڪارروائي ڪندي نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي اسمگلنگ ۾ ملوث ٽن ڄڻن تي ٻڌل ٽولي کي گرفتار ڪري ورتو. سي ٽي ڊي ترجمان مطابق گرفتار ٿيلن ۾ مير عبدالصادق مينگل، حڪمت الله ۽ عبدالحميد شامل آهي گرفتار جوابدارن جو تعلق قلات بلوچستان سان آهي. جنهن کان ڪلاشنڪوف، نائين ايم ايم پسٽل ۽ 30 بور پسٽل هٿ ڪيو ويو آهي ترجمان ٻڌايو ته گڏيل ٽيم دهشتگردن جي ڳولا ۾ سپر هاءِ وي ويجهو گاڏي کي روڪيو شڪي گاڏين ۾ 3 هٿيارٻندن حب بلوچستان کان ڪراچي اچي رهيا هئا. جوابدارن جاچ دوران اهم انڪشاف ڪيا آهن. جوابدارن جو تعلق بين الصوبائي نان ڪسٽم پيڊ گاڏين جي گروهه سان آهي جوابدار بلوچستان کان سنڌ، پنجاب ۽ ڪي پي ڪيتريون ئي گاڏيون پهچائي چڪا آهن جوابدار هڪ گاڏي کي ٻي صوبي پهچائڻ جا ڏيڊ لک رپيا وٺندا هئا. جوابدارن کان هٿ آيل گاڏي کي تحويل ۾ وٺي جاچ ورتي پئي وڃي.

بقايا 19

جي ملڪ واپسي جي فيصلي تي افغانستان جي عبوري کي اعتماد ۾ ورتو ويو. غيرقانوني افغان پناهگيرن جي ملڪ واپسي جو فيصلو ملڪ جي سيڪيورٽي ۽ معيشت جي خاطر ڪيو ويو هن چيو ته اها پاليسي صرف افغان شهرين جي لاءِ نه آهي پر سمورن ملڪن جي لاءِ آهي. پهرين نومبر کان غيرقانوني پناهگيرن کي ڊي پورٽ ڪيو ويندو. دوست ملڪن کان افغان شهرين کي پنهنجي ملڪ وٺي وڃڻ جي درخواست ڪئي آهي. گهرو وزارت جي ڪليئرنس ملڻ کان پوءِ انهن کي اماڻيو ويندو ترجمان چيو ته فلسطين جي

صورتحال تي ڳڻتي آهي. اسرائيل فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي غزه جي محاصري سبب شهرين کي خوراڪ، پاڻي ۽ دوائن جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي غزه تي اسرائيلي بمباري جي مذمت ڪريون ٿا. پاڪستان آزاد فلسطيني رياست جو حامي آهي جنهن جي گادي جو شهر القدس شريف آهي اميد آهي ته جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ جنگبندي تي اڳيرائي ٿيندي. پاڪستان غير مشروط جنگ بندي چاهي ٿو پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو ته جمون، ڪشمير جو مسئلو به اجان تائين حل طلب آهي. گڏيل قومن جي قراردادن موجب مسئلي جو حل ضروري آهي. والاريل ڪشمير جي عوام پارتي فورسز جو قبضو قبول نه ڪندي. ترجمان چيو ته پاڪستان پنهنجي هٿيارن جي ايڪسپورٽ پروٽوڪول جي تحت ڪندو آهي. يوڪرين کي ڪوبه هٿيار نه ڏنو آهي اسان کي خبر آهي ته يوڪرين ۾ پاڪستان جو ٺهيل ڪهڙو هٿيار استعمال ٿيو آهي.

بقايا 20

فضائي گدلاڻ گهٽجڻ جي اميد آهي. سينٽر فار ريسرچ آن انرجي اينڊ ڪلين ايئر (ڪريا) پاران جاري ڪيل پڌرائي مطابق هلندڙ سال پاڪستان ۾ فضائي گدلاڻ گهٽجڻ جي اميد آهي. توانائي جي بحران سبب فضا ۾ نائٽرو جن ڊاءِ آڪسائيڊ تمام گهٽ سطح تي اچي وئي آهي. پڌرائي موجب نائٽرو جن ڊاءِ آڪسائيڊ جو خارج ٿيڻ پيٽرول، ڪوئلو ۽ گئس جي ٻرڻ سان ٿئي ٿو ڪرونا لاڪ ڊائون ۾ به نائٽروجن ڊاءِ آڪسيجن جي سطح به گهٽتائي ٿي هئي معاشي سست رفتار جي ڪري خطرناڪ گئسن جي خارج ٿيڻ جي ڪري وڏي گهٽتائي ٿي آهي ڪراچي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڪري ۾ جنوري کان اگسٽ 24 سيڪڙو گهٽتائي ٿي آئي آهي 2022ع ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جو وڪرو 1042970 ٽن هو پڌرائي مطابق 2023ع ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جو وڪرو گهٽجي 841221 ٽن ٿي ويو اسلام آباد ۽ پشاور ۾ به نائٽروجن ڊاءِ آڪسائيڊ جي سطح ۾ به گهٽتائي ٿي آهي ڪراچي ۾ هلندڙ سال نائٽروجن ڊاءِ آڪسائيڊ لاهور ۾ 20 سيڪڙو، اسلام آباد ۾ 14 سيڪڙو ۽ پشاور ۾ 5 سيڪڙو گهٽ ٿي. هن سال لاهور ۽ پشاور ۾ سياري جي موسم ۾ به سموگ به گهٽ شدت ۾ ٿيندي.

بقايا 21

جي ذريعي ماهرين ناٿي روانگي 6.75 بلين ڊالر کان وڌي ڪئي تفصيل موجب هاڪاري اقتصادي پاليسين جا ناٿي متا ستا ۽ روزگار تي اثر نمايان ٿيڻ لڳا. حڪومتي ۽ عسڪري گڏيل ڪاوشن جي ڪري هاڪاري ملڪي معيشت تي هاڪاري اثر پيا آهن گذريل چند مهينن ۾ ناٿي متا ستا جي ذخيرن ۾ هنتيوار بنيادن تي 67 ملين ڊالر جو اضافو ٿيو ۽ ناٿي متا ستا جا ذخيرا 7.7 بلين ڊالر تي پهچي ويا. جڏهن مالي سال 2023ع - 2024ع جي پهرين ٽن مهينن ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري 72.7 ملين ڊالر تائين هئي تازو ٿي چيني سيڙپڪاري کان پوءِ ڪل پرڏيهي سيڙپڪاري 126.3 ملين ڊالر تائين پهتي آهي.

بقايا 22

ڇڏي آهي ۽ ان ڏس ۾ پهرين برانچ آفيس جو حيدرآباد ۾ افتتاح ڪري شروعاتي طور چوپائي مال، سولر بائيڪ ۽ لانڊري، جي ڪاروبار لاءِ اثاثن جي صورت ۾ سهڪار فراهم ڪيو ويو نندن ڪاروبارن لاءِ روايتي مالياتي خدمتون فراهم ڪندڙ سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپنيءَ پاران ميزان بئنڪ ۽ "پي ايم آءِ سي" جي سهڪار سان "يقين اسلامڪ فنانسنگ" جي نالي سان شروع ڪيل ان خدمت جي سلسلي ۾ پهرين برانچ هيرآباد حيدرآباد ۾ قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو گذريل ڏينهن سافڪو جي باني، صدر ۽ سي اي او سليمان جي ابڙو سان گڏ ميزان بئنڪ جي سينئر نائب صدر ۽ شرعي مالياتي خدمتن واري شعبي جي سربراهه احمد علي صديقي، ايگزيڪيوٽو نائب صدر ۽ زرعي مالياتي شعبي جي سربراهه ڪامران بخشي، نائب صدر ۽ شرعي صلاحڪاري يونٽ جي سربراهه ريحان وحيد، "پي ايم آءِ سي" جي عادل مسعود ۽ حمزه پاران افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي احمد علي صديقي، جو چوڻ هو ته مائيڪروفنانس سيڪٽر ۾ سافڪو پهريون ادارو آهي، جنهن اسلامي شرعي اصولن تحت مالياتي خدمتون فراهم ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي. جيڪو قدر مالياتي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ٻين ادارن لاءِ مثال آهي هن چيو ته دنيا جي 120 ملڪن ۾ اسلامي بئنڪاري نظام ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي. جڏهن ته ايران ۽ سوڊان ۾ مڪمل طور اسلامي مالياتي نظام آهي. ڪهڙي به اسلامي مسلڪ هجي پر اسلامي مالياتي نظام سين لاءِ ساڳيو آهي سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني جي باني ۽ صدر سليمان جي ابڙو چيو ته اسلامي مالياتي نظام ۾ ايتري سگهه آهي جو ان تي عمل ڪرڻ سان قومن جي تقدير بدلجي وڃي ٿي. هن چيو ته اسان اهڙن ماڻهن لاءِ اسلامي ۽ شرعي اصولن جي بنياد تي مالياتي خدمتون فراهم ڪرڻ جي شروعات ڪئي آهي. جيڪي عام مالياتي نظام تحت مالياتي خدمتون حاصل ڪرڻ کان پرهيز ڪن ٿا. ان کان اڳ سافڪو مائيڪروفنانس ڪمپني جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد سجاد علي شاهه آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ اسلامي مالياتي نظام ۽ ڪاروباري حڪمت عملي بابت سافڪو جي تصور بابت آگاهه ڪيو.

بقايا 23

موجب 25 آڪٽوبر تي وڌيڪ 4 هزار 239 افغان شهري پنهنجي ملڪ واپس هليا ويا، واپس ويندڙ افغان شهرين ۾ 965 مرد، 852 عورتون ۽ 2422 ٻار شامل هئا. افغانستان روانگي لاءِ 112 گاڏين ۾ 230 خاندانن جي ملڪ واپسي ٿي هيستائين تائين 72 هزار 219 افغان پناهگيرن جي ملڪ واپسي ٿي چڪي آهي ياد رهي ته پاڪستان جي حڪومت طرفان غيرقانوني طور تي پرڏيهين کي پنهنجي ملڪ واپسي جي لاءِ 31 آڪٽوبر جي ڊيڊ لائين ڏني وئي آهي گهرو وزير سرفراز بگٽي چيو آهي ته ڊيڊ لائين ختم ٿيڻ کان پوءِ غيرقانوني طور تي رهندڙ پرڏيهين کي گرفتار ڪري ڊي پورٽ ڪيو ويندو.

بقايا 24

اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل انگن اکرن موجب انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ اڄ 21 پيسا اضافو ٿيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب اڄ ڊالر جو اگهه 280 رپيا 9 پيسا آهي ياد رهي ته انٽربئنڪ ۾ گذريل ڏينهن ڊالر جو ملهه 45 پيسا وڌڻ بعد 279 رپيا 88 پيسا هو

بقايا 25

جواظهار ڪيو ويو آهي عدالت مڪ جوابدار سميت روپوش جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. جاچ آفيسر روپوش مڪ جوابدار جي گرفتاري لاءِ عدالت کان مهلت گهري ورتيبو پوليس پاران گرفتار ڪيل ٽن سهولتڪارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو دهشتگردي توڙ عدالت ون جي جج عبدالرحمان قاضي ڪيس جي ٻڌڻي هلائيفريادي ڌر قتل ڪيس ۾ وڌيڪ 3 جوابدارن جا نالا شامل ڪرڻ جي درخواست داخل ڪرائي ڇڏي عدالت سهولتڪاري جي الزام هيٺ گرفتار جوابدارن بخشل مهر بابر مهر ۽ منور مهر کي 12 ڏينهن جي جڊيشل رمانڊ تي جيل اماڻي ڇڏيو

بقايا 26

پهرين ته ماهي ۾ ليوي جي مد ۾ 222 ارب رپيا اوڳاڙيا، جڏهن ته گذريل مالي سال جولاءِ کان سيپٽمبر پيٽروليم ليوي جي مد ۾ 47 ارب 48 ڪروڙ رپيا اوڳاڙيا ويا. گذريل مالي سال پيٽروليم ليوي جي ۾ مد 580 ارب رپيا اوڳاڙيا ويا هئا. جڏهن ته هلندڙ مالي سال لاءِ پيٽروليم ليوي جي اوڳاڙي جو هدف 869 ارب رپيا مقرر آهي.

بقايا 27

تفصيل موجب ڪراچي جي علائقي اورنگي ٽائون ۾ ڦورن ڦر دوران مزاحمت تي هڪ بي نوجوان کان حياتي کسي ورتي، پوليس موجب مقتول جي سڃاڻپ 40 ورهين جي عمران ولد اختر جي نالي سان ٿي آهي. مقتول جي پيڻ اورنگي ٽائون جي اسپتال ۾ نوڪري ڪري ٿي ۽ ڊيوٽي ڪرڻ تي مقتول 11 بجي پنهنجي ڀيڻ کي وٺڻ آيو هو مقتول عمران اسپتال جي ٻاهران موبائل فون استعمال ڪري رهيو هو ته جوابدارن عمران کان موبائل فون کسي ورتي ۽ مزاحمت تي فائرنگ ڪري ڏني. مقتول کي هڪ گولي سيني ۾ لڳي جيڪا موت جو سبب ثابت ٿي مقتول عمران بنارس جي پل هيٺان گاڏين جي لائيٽن جو ڪم ڪندو هو ۽ اورنگي ٽائون سادا 11 نمبر جو رهواسي هو پوليس واقعو ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي.

بقايا 28

ٽي پي آءِ اي کي بينڪن مان 7.5 ارب رپيه ملڻ جي اميد آهي. 3 بينڪن مان حڪومتي قرض تي ايندڙ ٻن کان ٽن ڏينهن ۾ حتمي فيصلي جو امڪان آهي قرض ملڻ جي صورت ۾ ملازمن کي وقت تي پگهارون جي ادائيگي ممڪن ٿي سگهندي جڏهن ته قرض ملڻ ڪارڻ پوءِ ٻارڻ جي تيل جي توازن ۾ به بهتري ايندي. ذريعن ٻڌايو آهي ته انٽرنيشنل فنانس ۽ وڌيڪ روينيو سيڪٽر تي اڏامن جو تعداد وڌايو ويندو قرض حاصل ڪرڻ سان مالي پريشانيون ختم ڪرڻ ۾ مدد ملندي پي آءِ اي ۾ ٻارڻ جي تيل ۽ ڪوٽ سبب اندروني ۽ بيروني ملڪ جون اڄ 49 اڏامون ملتوي ٿيون. 10 ڏينهن ۾ پي آءِ اي جي اڏامن جو انگ 479 ٿي چڪو آهي.

بقايا 29

پارٽي ۽ منشيات جو استعمال درخواست جي ٻڌڻي ٿي. جاچ آفيسر موقف ڏنو ته پارٽي جو احتمام ڊفيس فيز 4 جي بنگلي ۾ 13 آڪٽوبر جي رات ڪيو ويو هو ۽ پوليس ان ئي رات چاپو هڻي نشي ۾ ڌت 10 جوابدارن کي گرفتار ڪيو هو پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيس گرزي ٿاڻي ۾ منشيات ايڪٽ ۽ اسپيڪر ايڪٽ جي تحت سرڪاري مدعيت ۾ داخل ڪيو ويو هو پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيس گرزي ٿاڻي ۾ منشيات ايڪٽ ۽ اسپيڪر ايڪٽ تحت سرڪاري مدعيت ۾ داخل ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن جي درخواست ضمانت منظور ڪندي عدالت سمورن جوابدارن کي 10.10 روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ۽ عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي جاچ آفيسر کان ڪيس جو چالان طلب ڪندي ٻڌڻي 28 آڪٽوبر تي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 30

ڳالهيون ڪندي ڊاڪٽر ياسمين راشد نوازشريف کي چيلينج ڪندي چيو ته بهادر آهيو ته منهنجي خلاف چونڊون وڙهي ڏيکاريو ڊاڪٽر ياسمين راشد وڌيڪ چيو ته نوازشريف سزا يافته ۽ اشتهاري آهي انهن کي چونڊن جي لاءِ ٻاهر کان آندو ويو آهي ليول پليئنگ فيلڊ جو مطلب اهو آهي ته جنهن کي چونڊن ۾ حصو وٺڻو آهي اهو ٻاهر هجي هن چيو ته اها ڳالهه ظني آهي ته چونڊون نه سليڪشن آهي، نوازشريف کي پروٽوڪول ڏنو پيو وڃي، اسان جي ڪيسز جو چالان 3.4 مهينن کان اڄ تائين نه آيو آهي ورلڊ ميڊيڪل ايسوسيئيشن صدر ۽ وزيراعظم کي خط لکيو ته اوهان ياسمين راشد کي چو گرفتار ڪري رکيو آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ عمر سرفراز چيمه ان موقعي تي ڳالهيون ڪندي چيو ته ڪوڙي ڪيس ۾ 6 مهينن کان جيل ۾ رکيو ويو آهي اسان کان پريس ڪانفرنس ڪرائڻ چاهين ٿا. اسان کي پي ٽي آءِ ڇڏڻي هجي ها ته تڏهن ئي ڇڏي ڏيون ها. جن ڪيسز ۾ گرفتار ڪيو ويو ان وقت سان گهر ۾ هئس، دهشتگردي جي انت واري عدالت 9 مئي تي پيچ ڀاهه، ٻاهين جي مختلف ڪيسن ۾ ڊاڪٽر ياسمين راشد، عمر سرفراز چيمه، اعجاز چوڌري ۽ خديجه شاهه جي جوڊيشل ريمانڊ ۾ 9 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي.

بقايا 31

کي گرفتار ڪري 10 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪري ورتو چيڪنگ دوران پيو نان ڪسٽم پيڊ ٿيون. جنهن ۾ 1060 ليٽر ايراني اٿيڻ آئل، ججهي مقدار ۾ سگريٽ، انڊين گهٽڪو، انڊين نسوار، سپاري ۽ سڪل ڪير به هٿ ڪري ورتو جيڪو بس جي گجهن خانن ۾ لڪايو ويو هو گرفتار جوابدارن کي منشيات، نان ڪسٽم پيڊ شين ۽ بسن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ پوليس ۽ ڪسٽم آفيسرن جي حوالي ڪيو ويو آهي.

بقايا 32

سول سوسائٽي ۽ ٻهرلوءِ جي صحافين پاران احتجاج ۾ شرڪت، حقيقي قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي. سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ 74 ڏينهن به سکر جي صحافين علامتي احتجاجي بک هڙتال وارو سلسلو جاري رکي قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تابائي، خالد باٽيڻ، جلال الدين پيو عمر سومرو، ڪامران شيخ، صلاح الدين قريشي، انس گهانگهرو، جهانزيب وسيم

اسحاق ڪوسو، محمد رضوان صديقي، يار محمد سومرو، ڪاشف ڦلپوٽو، ابراهيم سومرائي، اظهر ڏايو، ارشاد ڏنڊ، فضل الرحمان قريشي، عبدالرزاق سولنگي، بخش علي ڦلپوٽو، عقيل قريشي، اسلم ڏايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اڳواڻن چيو ته شهيد جي وچوڙي کي 74 ڏينهن ٿي ويا آهن ايترا ڏينهن گذري ويا خاطريون ڪرايون ويون پر قاتل گرفتاري کان بچيل آهن جيڪا حيرت جهڙي ۽ افسوس ناڪ ڳالهه آهي اڳواڻن چيو ته اسان شهيد جي خون سان انصاف لاءِ ايف آءِ آر ۾ نامزد ڪيل اصل قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ ڏسڻ چاهيون ٿا احتجاج ۾ سول سوسائٽي جي اڳواڻ ڊاڪٽر نذير ڪوڪ، محمد پريل، ٻهرلوءِ جي صحافين حيدر مستوئي، ڪامران پٽي، عمران مستوئي، عرفان منگي، ڪامران مستوئي، خان محمد پٽافي، عرفان انصاري ۽ ٻين شرڪت ڪري يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ مطالبو ڪيو ته سکر جي بهادر صحافي شهيد جان محمد مهر جي مڪ قاتلن کي گرفتار ڪري صحافين ۽ وارثن ۾ پيدا ٿيل بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 33

زاهد اختر زمان ۽ آءِ جي پوليس عثمان انور گڏ هئا جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير جسٽس مقبول باقر سان سنڌس گهرو وزير برگيڊيئر (ر) حارث نواز، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم ۽ آءِ جي پوليس رفعت مختار ميمڻ هئا جنهن ڏاڙيلن خلاف گڏيل ڪلين اپ آپريشن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ٻنهي وڏن وزيرن پنگ عيوض اغوا جي وارداتن ۾ ملوث گروهن، سندن مجموعي طاقت، پوزيشن ۽ سنڌو درياهه جي ڪچائي ٻيلن ۾ گجهن هنڌن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ۽ پنهنجي ويچار ونڊيندي اتفاق ڪيو ته سنڌ ۽ پنجاب ۾ درياهه جي ٻنهي پاسن کان حملا ڪيا وڃن ته جيئن هڪ ئي پيري هن داغ کي هميشه لاءِ ختم ڪري سگهجي. وڏي وزير جسٽس مقبول باقر چيو آهي ته مان سڪر ۽ گهوٽڪي جو دورو ڪندي اتي 2 ڏينهن ترسيو آهيان ته جيئن ڏاڙيلن خلاف آپريشن کي حتمي شڪل ڏني وڃي ۽ مون پوليس کي ضروري خريداري سميت آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ پنجاب پوليس سان گڏيل لاڳاپا قائم ڪرڻ جي مڪمل منظوري ڏني آهي. پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي چيو آهي ته اجلاس جو مقصد آپريشن جي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏيڻ هو چو ته ٻنهي صوبن جي پوليس گڏجي ان لعنت کي ختم ڪري سگهي ٿي. پنجاب: انسپيڪٽر جنرل آف پوليس پنجاب اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته مکيه ڪچو علائقو راجن پور ضلعي ۾ اچي ٿو پر گهوٽڪي ۽ ڪشمور جا ڪچا علائقا (ماچڪو ۽ ڪوٽ سبزل وارا علائقا) رحيم يارخان جي پرسان آهن جيڪو 176 ڪلوميٽر ۽ ويڪر 25 ڪلوميٽر آهي. سنڌو درياءَ جي ڪناري جون زمينون تمام زرخيز آهن جتي ڪمند پوکيو وڃي ٿو سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته راجن پور ۾ ست بيٽ آهن جيڪي رحيم يار خان کي به متاثر ڪن ٿا جن ۾ ڪچو ڪراچي، ڪچو عمراڻي، ڪچو حيدرآباد، ڪچو بنون، ڪچو موري، ڪچو جمال، ڪچو ڪوريو شامل آهن. پنجاب جي وڏي وزير محسن نقوي چيو آهي ته گهوٽڪي جو ڪچو روٽي ۽ ڪشمور جو ڪچو گهلپور رحيم يارخان کي لڳي ٿو آءِ جي پنجاب جو چوڻ هو ته گروپن ۾ علامتي لاڳاپا آهن هن وڌيڪ چيو ته راجن پور ۾ 5 ۽ ڪشمور ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ 11 گينگز جي سڃاڻپ ٻنهي صوبن وچ ۾ قائم ڪيل انفارميشن شيئرنگ ذريعي ڪئي وئي. پنجاب جي وڏي وزير چيو ته 11 ڏاڙيلن جي گينگ ۾ 600 جي لڳ ڀڳ ميمبر آهن ڪين حڪومتي رٽ چيلنج ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي سگهجي تنهنڪري گڏيل آپريشن ناگزير آهي. هن وڌيڪ چيو ته پنجاب پوليس 9 پوليس ڪيمپون ۽ 53 پوليس پوسٽون قائم ڪيون آهن جيڪي ڏاڙيلن تي حملي ۾ مدد ڪنديون. آءِ جي سنڌ پوليس رفعت مختار ٻنهي وڏن وزيرن کي بريفنگ ڏيندي چيو ته سندن پوليس ڌوهارين خلاف مسلسل ڇاپا هنيا آهن. هن چيو ته اسان ڪچي واري علائقي ۾ حفاظتي ۾ بند سان گڏ 210 پوليس پوسٽون قائم ڪيون آهن ۽ آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ پنجاب جي وڏي وزير سان تفصيلي سامان جي لسٽ شيئر ڪئي آهي. وڏي وزير چيو ته مون ڪشمور ۽ شڪارپور ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪيا آهن. ٻنهي وڏن وزيرن پنهنجي پنهنجي ٽيمن جي مشاورت سان سامان، گيجٽس، موبائل جيمرز، ڪال انٽرسيپٽرز جي جيڪ لسٽ تيار ڪئي ۽ ٻنهي صوبن مان هڪ ئي وقت آپريشن شروع ڪرڻ لاءِ پوليس ۽ رينجرز کي مقرر ڪرڻ ۽ جديد ٽيڪنالاجي استعمال ڪندي حملي جو فيصلو پڻ ڪيو سنڌ جي وڏي وزيرچيو ته ڏاڙيلن جي سهولتڪارن ۽ اطلاع ڏيندڙن کي اڳ ئي گرفتار ڪيو ويو آهي ته جيئن ڪنهن به قسم جي معلومات ٻاهر نڪرڻ ڪانسواءِ آپريشن شروع ڪري سگهجي.

بقايا 34

حوصلا افزائي ڪنداسين پر پهرين نومبر ڪانپوءِ پاڪستان ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين تي ڪوبه ڏاهه نه ڪنداسين هن چيو ته غيرقانوني طور ترسيل ماڻهن جي نيڪالي لاءِ عارضي ڪيمپ قائم ڪيا ويا آهن. صوبائي حڪومتون پرڏيهي ماڻهن جي نيڪالي جا خرچ برداشت ڪري رهيون آهن. سينٽرن ۾ ميڊيڪل ۽ کاڌو پيتو فراهم ڪيو ويندو سندس چوڻ هو ته هولڊنگ سينٽرز ناهيا آهن. غيرقانوني رهندڙن کي اتان واپس موڪليو ويندو، ٻارن، عورتن ۽ بزرگن کي تمام گهڻي احترام سان رکيو ويندو نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي چيو ته جيترا به غير قانوني سڃاڻپ ڪارڊ ناهيا ويا ان تي نادرا ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي. جن غيرقانوني سڃاڻپ ڪارڊ ناهيا سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ڊي اين اي ڪرائڻ پئي يا ڪجهه به ڪرڻو پيو ته ڪنداسين. هن چيو ته هي تمام وڏو چئلينجنگ ٽاسڪ آهي. سمورن صوبن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي ۽ هو پنهنجي پنهنجي حدن ۾ سينٽر قائم ڪندا. جيڪو به هتي قانوني طريقي سان اچڻ چاهي ٿو، ڪيس پليڪار ڪندا. جن وٽ به سفري دستاويز ناهن انهن خلاف ڪارروائي ڪري رهيا آهن. سرفراز بگٽي چيو ته جنهن کي پاڪستان اچڻو آهي اهو ويزا وٺي پوءِ اچي، هو احسان ۽ مهمانن کي ته وساريندا آهن. احسان ڪندڙن کي ياد ڪندا آهن. وڏي انگ ۾ ماڻهو هتي آيا آهن. دنيا ۾ ڪٿي به ائين نه ٿيو آهي ته ڪو سفر تي اچي ٿو ۽ خبر ناهي ڪيڏانهن وڃي ٿو. سياسي پارٽين ۽ اڳواڻن کي ٿريٽ موجود آهن. سندس چوڻ هو ته غيرقانوني رهواسين جا به قسم آهن هڪ اهي آهن جن وٽ ڪوبه دستاويز ناهي. ٻيو اهي آهن

بقايا سنڌيار 01

ورڪرز فيڊريشن کي مضبوط ڪرڻ ۽ مزدورن جي مسئلن لاءِ غور ويچار ڪيو ويو اجلاس موجود عهديدارن کي مخاطب ٿيندي خادم حسين ڪوسو چيو ته پاڪستان ورڪرز فيڊريشن اها فيڊريشن آهي جيڪا هميشہ مزدورن جي مسئلن لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهندي آهي اسان مرڪزي سيڪريٽري جنرل پاڪستان ورڪرز فيڊريشن چوڌري محمد ياسين ۽ مرڪزي چيئرمين پاڪستان ورڪرز فيڊريشن چوڌري عبدالرحمان عاصي جا هٿ مضبوط ڪنداسين جنهن ۾ اسان سڀني مزدورن جي ڀلائي آهي پاڪستان ورڪرز فيڊريشن پاڪستان جي پورهيتن جي مسئلن کي جينوا ۾ عالمي فورم تي ڀرپور نموني پيش ڪيو آهي اجلاس ۾ هادي بخش ميراڻي محمد رمضان مهر عبدالرسول عمران علي ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 02

